ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمع 17 اپريل 2026ع 28 شوال المڪرم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپيه شمارو (242)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سنڌ ڪابينا پاران فوتي ڪوٽا بحال ڪرڻ جو فيصلو روزگار، زراعت، تعليم، صحت سميت اهم منصوبا منظور

فوتي ڪوٽا تحت سيپٽمبر 2024 کان اڳ داخل ٿيل درخواستن تي قانون ۽ ميرٽ مطابق ڪارروائي ڪئي ويندي، سپريم ڪورٽ جي فيصلي ڪانپوءِ نون ڪيسن تي پابندي لڳائي وئي هئي

داوڙو تعلقي ۾ پوليس اسٽيشن ڪنڊيارا جي نئين عمارت ۽ ايمرجنسي ڪيمپ لاءِ آبپاشي کاتي جي 6 ايڪڙ زمين الاٽ ڪرڻ سميت روهڙي اسٽيشن جي اپ گريڊيشن لاءِ گرانٽ منظور

مقامي حڪومتن بابت اهم فيصلي تحت ليياري ندي ڪي ڊي اي سي جي انتظام هيٺ آندو ويو، زرعي مارڪيٽ ڪميٽين کي پينشن جون ادائيگيون پنهنجن وسيلن مان ڪرڻ جي هدايت

اجلاس ۾ صوبي جي هارين کي گڏيل وسيلن ۽ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي بااختيار بڻائڻ لاءِ "سنڌ فارمرز زرعي ڪليڪٽو ايڪٽ 2026" جي مسودي جي منظوري ڏني وئي

تعليم ۽ ڊجيٽل مهارتن جي واڌاري لاءِ 30 يونيورسٽين ۾ 19,200 گوگل ڪيريئر سرٽيفڪيٽ، اسڪالرشپس ڏيڻ ۽ اسڪول ڇڏيندڙ ٻارن جي شرح گهٽائڻ لاءِ ڊجيٽل مانيٽرنگ سسٽم رائج ڪرڻ جو فيصلو

صحت جي شعبي ۾ حامله عورتن لاءِ غذائي سپليمينٽس جي فراهمي لاءِ يونيسيف سان معاهدي جي اصولي منظوري، عوامي خدمتن جي بهتري لاءِ قدمن کي وڌائڻ جي عزم جو اظهار

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ ڪابينا جو اجلاس وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ ٿيو جنهن ۾ پاليسي فيصلن جي هڪ سيريز جي منظوري ڏني بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سي ايم هائوس ۾ ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪندي

علائقي ۾ استحڪام لاءِ سعودي ولي عهد جا قدم فخر جوڳا آهن: لبنان جو صدر

سنڌس دانشمندانه ۽ متوازن ڪوششن خطي ۾ استحڪام کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

لبنان جي عوام، خطي جي ملڪن ۽ سڄي قوم لاءِ اعتماد جو ذريعو آهي: جوزف عون

بيروت (اي پي پي) لبنان جي صدر جوزف بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ايران يقيني طور تي فٽبال ڪپ 2026ع ۾ شرڪت ڪندو: فيفا جو صدر

واشنگٽن (اي پي پي) فٽ بال جي عالمي تنظيم (فيفا) جي صدر جياني انفانٽينو تصديق ڪئي آهي ته آمريڪا سان جاري بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت ميڊيڪل جي شاگردن جي داخلائن جي معاملي تي پي ايم ڊي سي جي اپيل ٻڌڻ لاءِ منظور ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

غير رسمي معيشت کي باضابطه بڻائڻ سان ايڪسپورٽ ۽ ٽيڪس آمدني ۾ اضافو ٿيندو: چار ڪمال

زراعت، ريٽيل ۽ ننڍن ڪاروبارن سميت معيشت جا وڏا شعبا ٽيڪس نظام تحت ڪم ڪن ٿا

ننڍن ۽ وچولي ڪاروبار کي سهولتون ڏئي باضابطه معيشت جو حصو بڻائڻ جي ضرورت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو آهي ته پاڪستان جو روانگي واپاران وقت ٿائين ته ٿو وڌي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سعودي پاران سوڊان ۾ انساني همدردي وارن منصوبن لاءِ 145 ملين ڊالر امداد جو اعلان

برلن ڪانفرنس ۾ شرڪت جي موقعي نائب پرڏيهي وزير انجنيئر عبدالڪريم الخريجي اعلان ڪيو

فوري جنگ بندي، رياستي ادارن کي بچائڻ سميت علائقي سلامتي ۽ وسيلن جو تحفظ ترجيح آهي

برلن (اي پي پي) سعودي عرب سوڊان جي انساني همدردي جي منصوبن لاءِ 145 ملين ڊالرن جي امداد جو اعلان ڪيو آهي ميڊيا بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

واشنگٽن ڊي سي: ناڻي واري وزير سينيٽر محمد اورنگزيب ايشيائي ترقياتي بينڪ جي صدر سان ملاقات ڪندي

پاڪستان تمام سٺو ڪم ڪري پيو، آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير هڪ بهترين ماڻهو آهي: آمريڪي صدر

لبنان ۽ اسرائيل ۾ 10 ڏينهن جنگبندي تي اتفاق، ايران سان ڊيل ٿي ته پاڪستان ويندس: ٽرمپ

آمريڪي صدر ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي لبنان ۽ اسرائيل جي وچ ۾ 10 ڏينهن جي جنگ بندي جو اعلان ڪيو

مون لبنان جي تمام معزز صدر جوزف عون ۽ اسرائيل جي وزيراعظم بنجمن نيتن ياهو سان تمام سٺي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي، ٻنهي ملڪن امن حاصل ڪرڻ لاءِ اتفاق ڪيو آهي

دنيا ۾ 9 جنگيون روڪڻ منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي ۽ هي منهنجو ڏهون قدم هوندو اسرائيلي وزيراعظم نتن ياهو ۽ لبناني صدر جوزف عون کي وائيٽ هائوس ۾ دعوت ڏئي رهيو آهيان

نائب صدر جي ڊي وينس ۽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ مارڪو روبيو کي هدايت ڪئي آهي ته اهي اسرائيل ۽ لبنان سان گڏجي پائيدار امن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪن

ٻنهي ملڪن ۾ جنگ بندي جي ڪوشش دوران اسرائيل لبنان تي حملو جاري رکيو، ڏکڻ لبنان جي مختلف علائقن ۾ گهرن، عمارتن ۽ سرڪاري اسپتالن کي نشانو بڻايو ويو

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي ته لبنان ۽ اسرائيل جي وچ ۾ 10 ڏينهن جي جنگ بندي تي اتفاق ٿي ويو آهي آمريڪي صدر ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي لبنان ۽ اسرائيل جي وچ ۾ 10 ڏينهن جي جنگ بندي جو اعلان ڪيو. آمريڪي صدر بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

جده: وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب جي ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان بن عبدالعزيز السعود سان ملاقات ڪندي

وزيراعظم شهباز شريف ترڪي پهچي ويو، قطر جي امير سان ملاقات، ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ ڳالهين تي اتفاق

قطر جي راڄڌاني دوحه پهچڻ تي پرڏيهي معاملن واري مملڪتي وزير سلطان بن سعد المريخي وزيراعظم ۽ وفد جو استقبال ڪيو

وزيراعظم ۽ قطر جي امير وچ ۾ ملاقات دوران خطي جي صورتحال خاص طور تي عرب ملڪن ۾ ڇڪتاڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي

وزيراعظم اڄ انطاليا ڊپلوميسي فورم ۾ شرڪت ڪندو، رجب طيب اردگان ۽ ٻين اهم عالمي اڳواڻن سان پڻ ملاقات ڪندو

دوحا/استنبول (م د) وزيراعظم شهباز شريف سعودي عرب جو دورو ختم ڪري قطر پهتو جتي هن قطر جي امير شيخ تميم بن حمد الثاني سان ملاقات ڪئي وزيراعظم شهباز شريف ۽ قطر جي امير وچ ۾ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل عاصم منير ايراني فوج جي خاتم الانبياءِ هيڊ ڪوارٽر پهتو، ميجر جنرل علي عبداللهي سان ملاقات

فيلڊ مارشل عاصم منير جي تهران ۾ ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر باقر قاليباف سان ملاقات

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي تهران ۾ ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر باقر قاليباف سان ملاقات ٿي

فيلڊ مارشل جو تهران جو دورو آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جاري ٺاهوڪي جي ڪوشش جو حصو آهي

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي به فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان گڏ آهي: آءِ ايس پي آر

تهران (م د) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر باقر قاليباف سان ملاقات ٿي آهي ايراني ميڊيا موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي تهران ۾ ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ايران غلط فيصلو ڪيو ته آمريڪي فوج ٻيهر ڪارروائين لاءِ مڪمل طور تيار آهي: آمريڪي جنگ وارو وزير

ايرانين کي خبر هجڻ گهرجي ته اسان جي ۽ انهن جي صلاحيتن جو ڪو مقابلو ناهي

آمريڪا اڄ به اڳ وانگر مضبوط آهي، ايران وٽ آبناءِ هرمز تي ڪنٽرول لاءِ هاڻي بحري طاقت ناهي

ايران کي ٻڌايو ويو آهي ته اسان ڄاڻون ٿا ته توهان ڪهڙا فوجي اثاثا منتقل ڪري رهيا آهيو

واشنگٽن (م د) آمريڪا جي جنگ واري وزير پيٽ هيگسٿ چيو آهي ته ايران کي پنهنجا بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

تهران ۾ ايراني شهرين پاران پاڪستان جا ٿورا مڃڻ جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي

پاڪستان ۾ ايران لاءِ حمايت ڏسي رهيا آهيون اها اسان جي لاءِ فخر جوڳي ڳالهه آهي: اڳواڻ

اسان پاڪستاني عوام جي ڀرپور حمايت لاءِ شڪرگذار آهيون ۽ سلام پيش ڪيون ٿا: خطاب

تهران (اي پي پي) ايران جي گادي واري شهر بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف جو قطر جي دوري دوران شاندار استقبال ڪيو ويو

دوحه (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جو قطر جي دوري دوران شاندار بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

حزب الله پاران اسرائيل ۾ 39 هدفن کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ

اتر اسرائيل ۾ تقريبن 39 جاين کي نشانو بڻايو ويو آهي: حزب الله

حملن ۾ اسرائيلي وسندين، فوجي دستن ۽ گاڏين کي نشانو بڻايو ويو

بيروت/تل ابيب (م د) حزب الله 24 ڪلاڪن بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

جنگ هجي يا جنگبندي، ايران ۽ حزب الله هڪ آهن: باقر قاليباف

اسرائيل فرسٽ جي پاليسي کان پوئتي هٽڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

جنگبندي جي ڪنهن به ڀڃڪڙي جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي

تهران (م د) ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ايران آمريڪا ڳالهين تي پاڪستاني ميڊيا مثالي ڪردار ادا ڪيو: پرڏيهي وزارت

پاڪستان جو ٺاهوڪي جو مقصد خطي ۾ امن جو قيام آهي جنهن جي لاءِ پاڪستان اهين چيلنج قبول ڪيو

پاڪستان جي آمريڪا ۽ ايران ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ تعميري ۽ مثبت ڪوشش کي عالمي سطح تي مڃيو ويو آهي

اسلام آباد ڳالهين جي اڳيان تائين ڪا به تاريخ مقرر نه ٿي آهي، ڳالهيون ٿيون ته تاريخ ۽ وقت جو اعلان ڪيو ويندو

اسلام آباد (م د) پرڏيهي وزارت چيو آهي ته ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ اسلام آباد ۾ ٿيل ڳالهين تي پاڪستاني ميڊيا مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي هفتيوار پريس بريفنگ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران ترڪي جي اسڪول تي حملي ۾ قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک جو اظهار

جده (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نيب چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل (ر) نذير احمد ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي

9 مئي جي پيچ ڊاهه واري ڪيس ۾ فواد چوڌري جي عبوري ضمانت ۾ واڌ

لاهور (اي پي پي) دهشتگردي جي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

پاڪستان کي سعودي عرب کان 2 ارب ڊالر وصول ٿي ويا

پاڪستان کي سعودي عرب طرفان ٻه ارب ڊالر فنڊن جي مد ۾ وصول ٿيا آهن: اسٽيٽ بئنڪ

سعودي عرب پاڪستان کي 3 ارب ڊالرز ڊپازٽ ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي آهي

سعودي حڪومت طرفان 3 ارب ڊالر ايندڙ هفتي تائين ملي ويندا: ناڻي وارو وزير

ڪراچي (م د) پاڪستان کي سعودي عرب کان ٻه ارب ڊالر وصول ٿي ويا. اسٽيٽ بينڪ تصديق ڪئي آهي ته پاڪستان کي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

واشنگٽن ڊي سي: ناڻي واري وزير سينيٽر محمد اورنگزيب ايشيائي ترقياتي بينڪ جي صدر ساتو ڪانڊا سان ملاقات ڪندي

وزيراعظم جي نبي پاڪ صه جن جي روضي مبارڪ تي حاضري، ملڪي ترقي ۽ امن لاءِ دعا

محمد شهباز شريف سعودي اڳواڻن سان گڏ رسول الله صه جي روضي مبارڪ تي حاضري ڀري

ملڪ ۽ قوم جي ترقي، خوشحالي سميت سڄي دنيا ۾ امن ۽ آشتي جي لاءِ دعائون

مدينه (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف رسول الله صلي الله عليه وسلم جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏني ۽ ملڪ ۽ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڳالهيون پاڪستان ۾ ٿينديون، اسان رڳو پاڪستان تي اعتبار ڪيون ٿا آمريڪا تي نه: ايراني سفير

آمريڪا هڪ قابل اعتماد ملڪ ناهي، ايران پاڪستان کي هڪ قابل اعتماد ۽ غير جانبدار ٺاهوڪو قرار ڏنو آهي

ايران خطي ۾ بالادستي نٿو چاهي، اهو پنهنجي خودمختياري جي حفاظت ڪرڻ چاهي ٿو

ايٽمي پروگرام مڪمل طور تي پرامن آهي، ڪو به ثبوت پيش نه ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (م د) پاڪستان ۾ ايراني سفير رضا اميري مقدم جو چوڻ آهي ته ڳالهيون صرف پاڪستان ۾ ٿينديون ۽ ڪنهن به ٻئي ملڪ ۾ نه ڪيون ٿا ايراني سفير رضا اميري مقدم اسان آمريڪا تي نه پر پاڪستان تي ڀروسو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

واشنگٽن ڊي سي: گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل واشنگٽن ڊي سي ۾ قرض ڏيندڙن جي پليٽ فارم لانچ جي موقعي تي ويٺل آهي

وفاقي وزير اويس لغاري پاران اڄ رات کان بجلي جي لوڊشيڊنگ ۾ گهٽتائي جو اعلان

لوڊشيڊنگ سبب ٿيندڙ تڪليف تي عوام کان معافي وٺان ٿو هميشه عوام کي اونداهي مان ڪڍيو آهي

حيدرآباد ۽ ڪي-اليڪٽرڪ جي لاءِ ڪا به لوڊشيڊنگ نه ڪئي وئي آهي

ڪي-اليڪٽرڪ قومي گرڊ مان رڪارڊ 2100 ميگاواٽ بجلي وٺي رهيو آهي: اويس لغاري

اسلام آباد (م د) توانائي واري وفاقي وزير بجلي واري وفاقي وزير اويس احمد خان لغاري اڄ رات کان بجلي جي لوڊشيڊنگ ۾ گهٽتائي جو اعلان ڪيو اويس لغاري پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته عوام بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

آمريڪا جو ايران کي هٿيارن، گولا بارود ۽ ايٽمي مواد جي فراهمي روڪڻ لاءِ جهازن جي تلاشي جو اعلان

ايران ڏانهن ويندڙ جهازن جي تلاشي وٺنداسين ته جيئن ايران کي هٿيارن جي فراهمي کي روڪي سگهجي

تلاشي ورتي ويندي ته خبر پوي هٿيار، هٿيارن جا نظام، ايٽمي مواد، يا ايلومينيم ته نه کڻي وڃي رهيا آهن

ايران ڏانهن ويندڙ جهازن جي تلاشي ڪليل سمنڊ ۾ ڪٿي به ٿي سگهي ٿي: آمريڪي بحريه

ڪراچي (م د) آمريڪا اعلان ڪيو آهي ته هو ايران ڏانهن ويندڙ جهازن جي ڳولا ڪندو ته جيئن ايران کي هٿيارن، گولا بارود ۽ ايٽمي مواد جي فراهمي کي روڪي سگهجي آمريڪي بحريه جي صلاح موجب، جهازن بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف پاران قطر ۽ ٻين نار ملڪن تي حملن جي مذمت

قطري امير شيخ تميم بن حمد الثاني سان انتهائي خوشگوار ماحول ۾ ملاقات ٿي

قطر جي امير پاران خطي ۾ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۾ پاڪستان ڪردار کي ساراهيو ويو

دوحه (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف قطر ۽ ٻين نار ملڪن تي حملن جي مذمت ڪندي قطر جي قيادت ۽ عوام سان پاڪستان جي مڪمل يڪجهتي جي اظهار ۽ حمايت جو يقين ڏياريو آهي جڏهن ته قطر بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پاران اينٽي شپ بيلسٽڪ ميزائل جي ڪامياب تجربي تي مبارڪون پيش

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق اينٽي شپ بيلسٽڪ ميزائل جي ڪامياب تجربي تي پاڪ بحريه جي انجنيئرن ۽ آفيسرن کي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پرڏيهي وزارت پاران ترڪي ۾ ٿيندڙ پرڏيهي وزيرن جي اجلاس لاءِ سفارشون تيار

پاڪ سعودي، ترڪيه ۽ مصر جي اعلى عملدارن جي اسلام آباد گڏجاڻي ۾ بابت غور ويچار ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي چيو آهي ته پاڪستان، سعودي عرب، ترڪيه ۽ مصر بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پنجاب حڪومت پاران 10 ضلعن ۾ نيون اليڪٽرڪ بسون ڏيڻ جي منظوري

مريم نواز جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ نيون اليڪٽرڪ بسون ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي

گوجرانوالا ۽ فيصل آباد ۾ ماس ٽرانزٽ سسٽم پروجيڪٽ تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

لاهور (م د) پنجاب حڪومت صوبي جي 10 ضلعن ۾ نيون اليڪٽرڪ بسون ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي پنجاب جي وزيراعلى مريم نواز جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ 10 ضلعن ۾ نيون بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

جده: وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب جي ولي عهد سان ملاقات ڪندي

پاڪستان ۽ جرمني پاران ڊجيٽل پليٽ فارمز جي غير قانوني استعمال روڪڻ تي اتفاق

ڊجيٽل ميڊيا بابت خصوصي صلاحڪار فهد هارون سان جرمني جي سفير ۾ ملاقات ڪئي

ملاقات دوران ڊجيٽل پليٽ فارمز جي بدلجندڙ عالمي منظر نامي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) مملڪتي وزير ۽ وزيراعظم جي ڊجيٽل ميڊيا بابت خصوصي صلاحڪار فهد هارون سان بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

آمريڪا جڏهن به ڪنهن حڪومت کي ناپسند ڪري، ان سان ڳالهيون شروع ڪري: روس

ڪنهن به ملڪ ڪڏهن به آمريڪا سان ڳالهيون ڪرڻ کان انڪار نه ڪيو آهي

اهو آمريڪا هو جنهن ٻهريان معاهدا ڪيا ۽ پوءِ انهن کان پوئتي هٽي ويو

ڪراچي (م د) روسي پرڏيهي وزير سرگئي لاوروف آمريڪا کي صلاح ڏني آهي ته جڏهن به ڪنهن خاص حڪومت کي ناپسند هجي ته ٻهريان ان سان ڳالهيون شروع ڪري روسي پرڏيهي وزير جو چوڻ آهي ته بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سعودي ڪانپوءِ قطر جي دوري تي دوحا پهچندو عالمي اڳواڻن سان ملاقاتون رٿيل

جده (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب جي دوري ڪانپوءِ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ٽرمپ ايران سان جلد ڊيل لاءِ دٻاءُ وڌائڻ چاهي ٿو: وائيٽ هائوس

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان جلدي معاهدو ڪرڻ چاهي ٿو پر بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه سان ميمڻي ٻولي جو ترجمي نگار ملاقات ڪري رهيو آهي

تيل جي فراهمي معطل رهي ته يورپ ۾ اڏامون رد ٿي سگهن ٿيون: فاتح بيرول

يورپ ۾ رڳو 6 ڏينهن جو جيٽ فيول بچيل آهي

تيل فراهمي معطل رهي ته يورپ ڏانهن اڏامون رد ٿي سگهن ٿيون

ڪراچي (م د) انٽرنيشنل انرجي ايجنسي جي سربراهه فتح بيرول يورپ ۾ جيٽ فيول جي ڪوٽ جي خطري کان خبردار ڪيو آهي نيوز ايجنسي سان هڪ انٽرويو ۾، فاتح بيرول چيو ته يورپ ۾ ڇهه هفتا جيٽ فيول بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

روبينه چانڊيو قتل ڪيس، 2 گرفتار جوابدار عدالت ۾ پيش، هڪ پاران ڏوهه جو اعتراف

ٽنڊومستي ۾ قتل ٿيل روبينه چانڊيو جي ڪيس ۾ پوليس جوابدار قيصر ۽ ولي محمد چانڊيو کي عدالت ۾ پيش ڪيو

عدالت جوابدار قيصر چانڊيو کي اعترافي بيان ڏيڻ تي سينٽرل جيل خيرپور موڪلي ڇڏيو

عدالت جوابدار ولي محمد چانڊيو کي 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي ٽنڊومستي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

خيرپور (رپورٽ: شاهنواز ڪلهوڙو) ٽنڊومستي لڳ ڪانهن جي الزام هيٺ قتل ڪيل نوجوان ناري خالده عرف روبينه چانڊيو کي قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ گرفتار ٻن جوابدارن کي خيرپور جي عدالت ۾ پيش ڪيا ويو جتي عدالت جي جج هڪ جوابدار کي سينٽرل جيل موڪلي ڇڏيو جڏهن ته ٻئي کي 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

خيرپور: مقتوله روبينه چانڊيو جو لاش ۽ حياتي جي تصوير ٻئي طرف سنڌس امڙ پاڪ ڪتاب ڪڍي احتجاج ڪندي

پوليس 18 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي پر 2 جوابدارن کي عدالت ۾ پيش ڪيو

خيرپور: خيرپور پوليس پاران گذريل ڏينهن واقعي ۾ 18 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي هئي پر خميس ڏينهن صرف ٻن جوابدارن کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

نياڻي کي بي گناهه قتل ڪيو ويو ۽ موٽڪي هن جو منهن به نه ڏيکاريو ويو: نبل خاتون

ڌيءُ کي نه ڪفن دفن ڏنو ويو نه غسل ڏياريو ويو ۽ نه ئي جنازي نماز پڙهي وئي

منهنجي ڌيءُ کي ڪٺي قتل ڪندڙ جوابدارن کي ڦاسي ڏني وڃي

خيرپور: خيرپور مقتوله ناري خالده عرف بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

خيرپور ڊسٽرڪٽ بار جو اجلاس، روبينه چانڊيو ڪيس جي جوابدارن جي وڪالت نه ڪرڻ جو فيصلو

خيرپور: ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جو خصوصي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ٽنڊومستي ويجهو ڪاروڪاري جي الزام هيٺ قتل ڪيل نياڻي خالده عرف روبينه بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

جي ڊبليو سي پاران ڦول باغ گمبٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي

ريلي ۾ سياسي سماجي ڌرين سان سول سوسائٽي پڻ وڏي انگ ۾ شريڪ

روبينا چانڊيو ڪاري نه آهي پر اوهان جا ذهن ڪارا بڻجي ويا آهن: اڳواڻ

خيرپور: ٽنڊومستي جي ڳوٺ ٻلو چانڊيو ۾ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ايس ايس پي خيرپور ڳوٺ ٻلو چانڊيو پهچي ويو، جنازي نماز پڙهائيندڙ مولوي جو بيان رڪارڊ

خيرپور: ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرن جو نوٽيس وٺندي ٽنڊومستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٻلو چانڊيو پهچي ويو جتي هن مقتولا خالده عرف روبينا چانڊيو جي وارثن بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

خيرپور: خالده عرف روبينه چانڊيو قتل ڪيس ۾ گرفتار جوابدار قيصر چانڊيو ۽ ولي محمد چانڊيو کي عدالت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي

پاڪ بحريه مقامي طور تيار ڪيل اينٽي شپ ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪري ورتو

اينٽي شپ ميزائل پري فاصلي تي هدف کي انتهائي درستگي ۽ تيز رفتاري سان نشانو بڻايو

چيف آف نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف ميزائل فائرنگ جو مشاهدو ڪيو: آءِ ايس پي آر

ميزائل جديد گائيڊنس سسٽم ۽ اعلى صلاحيت جي ٽيڪنالاجي سان ليس آهي

راولپنڊي (م د) پاڪ بحريا مقامي طور ٺاهيل اينٽي شپ ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي. آءِ ايس پي آر موجب اينٽي شپ ميزائل پري فاصلي تي هدف کي انتهائي درستگي ۽ تيز رفتاري سان نشانو بڻايو آ بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي جاويد عالم اوڍو جو آگاهي تقريب بعد آفيسرن سان گڏ گروپ فوٽو

فيس ليس چالان سسٽم جي ڪاميابي سان جا مثبت نتيجا سامهون آيا آهن: آءِ جي

ڪراچي ۾ نئين ٽريفڪ مانيٽرنگ سسٽم بابت آگاهي لاءِ تقريب منعقد ڪئي وئي

تقريب ۾ ٽريفڪ پوليس پاران روبو ڪارز، موٽرسائيڪلون ۽ ڊرونز پڻ پيش ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ٽريفڪ پوليس ڪراچي پاران نئين ٽريفڪ مانيٽرنگ سسٽم TRACS بابت آگاهي لاءِ منعقد ڪيل تقريب ۾ شرڪت ڪئي، مقامي هوٽل ۾ بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سڄي دنيا ۾ پاڪستان پاران ڇڪتاڻ گهٽائڻ وارين ڪوشش کي ساراهيو پيو وڃي: پرڏيهي وزارت

واشنگٽن ۽ تهران سان پاڪستان رابطن ذريعي ڳالهين جي حوصلا افزائي، پيغامن جي مٽاسٽا کي آسان بڻايو

اها حڪمت عملي علائقائي استحڪام ۽ عالمي امن لاءِ پاڪستان جي مستقل عزم جي عڪاسي ڪري ٿي

جاري ڪوشش تحت وزيراعظم ۽ نائب وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل اهم علائقائي ملڪن جا دورا ڪن پيا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان کي آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي، جنگبندي جي ڪوشش ۽ وسيع تر استحڪام جي فروغ جي لاءِ پنهنجي تعميري سفارتي ڪوشش تي ساراهيو ويو بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

مستند اردو ترجمن کي ميمڻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ مثبت ۽ قابل قدر قدم آهي: ناصر شاهه

ميمڻي ٻوليءَ جي ٽرانسليٽر محمد يونس ابراهيم چنوٽي صوبائي وزير سان ملاقات ڪئي

ٻهرين پيرو رومن ميمڻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪيل قرآن پاڪ جا نسخا صوبائي وزير کي پيش ڪيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اوقاف، مذهبي معاملا، زڪوات ۽ عشر واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي سان ميمڻي ٻوليءَ جي ٽرانسليٽر محمد يونس ابراهيم چنوٽي سنڌس آفيس ۾ ملاقات بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، سي ايم هائوس ۾ معذورن سان ملاقات ڪندي

راولپنڊي ۾ پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙي سميت 3 ڄڻا قتل

مقتول دانش اڪرم سيما گل سان پسند جو پرڻو ڪيو هو

قتل ٿي ويلن ۾ دانش جي ڀاڄائي به شامل آهي

راولپنڊي (م د) راولپنڊي جي ٽيڪسلا ٿاڻي جي حد ۾ پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙي سميت 3 ڄڻن کي قتل ڪيو ويو. مقتول دانش اڪرم سيما گل سان پسند جو پرڻو ڪيو هو قتل ٿي ويلن ۾ دانش جي ڀاڄائي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: عورتن جي ترقي واري کاتي جو نئون سيڪريٽري صوبائي وزير سان ملاقات ڪندي

وڏي وزير پاران معذور ماڻهن کي مددگار اوزارن جي فراهمي لاءِ 800 ملين رپيا ورهايا ويا

وزيراعلى هائوس ۾ منعقد تقريب ۾ 105 پارٽنر تنظيمن ۽ اين جي اوز کي رقم فراهم ڪئي وئي

هي قدم هڪ جامع ۽ همدرد معاشري جي تعمير لاءِ حڪومت جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿو: مراد علي شاهه

معذور ماڻهن ۾ روزگار جا رستا پيدا ڪرڻ ۽ معاشي آزادي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پروگرام لاڳو ڪيا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه معذور ماڻهن کي مددگار اوزارن جي فراهمي لاءِ 105 پارٽنر تنظيمن ۽ اين جي اوز (NGOs) ۾ 800 ملين رپيا ورهايا ۽ هن قدم کي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

Daily Ibrat Karachi
Friday 17th April 2026
سال (18) جمع 17 اپريل 2026ع 28 شوال المڪرم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپيه شمارو (205)

بقايا | 1 | جنگبندي

ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته هو ايران سان سٺيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن پاڪستان تمام سٺو ڪم ڪري رهيو آهي جيڪڏهن ايران سان ڪو معاهدو ٿي وڃي ته مان پاڪستان وڃي سگهان ٿو هن جنگ بندي ڳالهين ۾ پاڪستان جي آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ڪردار جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته هو هڪ بهترين ماڻهو آهي ٽرمپ پنهنجي بيان ۾ چيو ته هن لبنان جي تمام معزز صدر جوزف عون ۽ اسرائيل جي وزيراعظم بنجمن نيتن ياهو سان تمام سٺي ڳالهه ٻولهه ڪئي صدر ٽرمپ چيو ته ٻنهي اڳواڻن اتفاق ڪيو آهي ته پنهنجن ملڪن جي وچ ۾ امن حاصل ڪرڻ لاءِ اهي سرڪاري طور تي 10 ڏينهن جي جنگ بندي شروع ڪندا، جيڪا آمريڪي وقت مطابق شام 5 وڳي لاڳو ڪئي ويندي (هن وقت پاڪستان ۾ 2 وڳي ٿيندا) آمريڪي صدر ڳالهين جو حوالو ڏيندي چيو ته اڳاري تي ٻنهي ملڪن جي 34 سالن ۾ پهرين ملاقات واشنگٽن ڊي سي ۾ ٿي جتي اسان جو سيڪريٽري آف اسٽيٽ مارڪو روبيو پڻ موجود هو ٽرمپ چيو ته مون نائب صدر جي ڊي وينس ۽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ مارڪو روبيو کي هدايت ڪئي آهي ته اهي اسرائيل ۽ لبنان سان گڏجي پائيدار امن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪن ٽرمپ چيو ته دنيا ۾ 9 جنگيون روڪڻ منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي ۽ هي منهنجو 10 هون قدم هوندو پنهنجي ٽئي پوسٽ ۾ صدر ٽرمپ چيو ته هو اسرائيلي وزيراعظم نتنياهو ۽ لبناني صدر جوزف عون کي وائيٽ هائوس ۾ دعوت ڏئي رهيو آهي ته جيئن 1983 کان پوءِ اسرائيل ۽ لبنان جي وچ ۾ پهرين بامعني ڳالهيون ٿي سگهن جيڪو هڪ ڊگهو وقت آهي ٽرمپ چيو ته ٻئي ڌريون امن ڏسڻ چاهين ٿيون ۽ مون کي يقين آهي ته اهو جلدي ممڪن ٿيندو ان کان اڳ، لبنان برطانيه کي يقين ڏياريو ته لبناني حڪومت يقيني بڻائيندي ته هٿيار رياست تائين محدود هوندا اهو ياد رکڻ گهرجي ته اسرائيلي وزيراعظم بنجمن نتنياهو ڪيترن ئي موقعن تي چيو آهي ته لبنان سان جنگ بندي لاءِ حزب الله کي غير مسلح ڪرڻ ضروري آهي جڏهن لبناني صدر جوزف عون برطانيه کي يقين ڏياريو ته هٿيار صرف رياست تائين محدود هوندا. وچ اوڀر لاءِ برطانوي وزير هميش فاڪنر لبنان تي اسرائيلي بمباري کان بعد گهر ٿيل ماڻهن جي بحالي لاءِ 25 ملين پائونڊ جي امداد جو اعلان ڪيو صدر ٽرمپ ڪجهه ڪلاڪ اڳ چيو هو ته لبنان ۽ اسرائيل اڄ ڳالهيون ڪندا. لبنان شروعات ۾ چيو هو ته اهو اهڙين ڪنهن به ڳالهين جو حصو ناهي بعد ۾ لبناني صدر جوزف عون انهن رپورٽن کي رد ڪيو ته هو بنجمن نتنياهو سان ملاقات ڪرڻ وارو آهي هن صورتحال ۾، صدر ٽرمپ پنهنجي لبناني هم منصب کي فون ڪيو ۽ ڪجهه وقت بعد جنگ بندي جو اعلان شيئر ڪيو لبناني صدر جنگ بندي جي ڪوشش لاءِ صدر ٽرمپ جو شڪريو ادا ڪيو جنگ بندي جي ڪوشش دوران اسرائيل لبنان تي حملو جاري رکيو. ان ڏکڻ لبنان جي مختلف علائقن ۾ گهرن، عمارتن ۽ سرڪاري اسپتالن کي نشانو بڻايو انهن حملن ۾ هڪ لبناني شهري مارجي ويو.

بقايا | 2 | ڳالهين تي اتفاق

محمد بن سلمان سان ملاقات ڪانپوءِ مديني پهتس جتي مديني جي گورنر شهزاده سلمان بن سلطان بن عبدالعزيز آل سعود وزيراعظم ۽ پاڪستاني وفد جو استقبال ڪيو وزيراعظم مديني ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏني، مسجد نبوي صه ۾ نفل ادا ڪيا ۽ ملڪ ۽ قوم جي ترقي خوشحالي سميت سڄي دنيا ۾ امن ۽ آشتي جي لاءِ دعائون ڪيون. وزيراعظم ۽ پاڪستاني وفد جي لاءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي روضي مبارڪ جا دروازا کوليا ويا. وزيراعظم رسول الله صلي الله عليه وسلم جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪئي ۽ سلام عقيدت پيش ڪيو. وزيراعظم سعودي عرب جو دورو مڪمل ڪري مديني منوره کان دوحا ويندو جتي سندس قطر جي امير شيخ تميم بن حمد الثاني سان ملاقات ٿيندي.

بقايا | 8 | ايراني سفير

اسلام آباد ۾ پاليسي ريسرچ انسٽيٽيوٽ کي خطاب ڪندي چيو ته آمريڪا هڪ قابل اعتماد ملڪ ناهي، ايران پاڪستان کي هڪ قابل اعتماد ۽ غير جانبدار ثالث قرار ڏنو آهي رضا اميري مقدم چيو ته ڳالهيون صرف پاڪستان ۾ ٿينديون ۽ ڪٿي به نه، اسان آمريڪا تي نه پر پاڪستان تي ڀروسو ڪريون ٿا. ايران پاران پاڪستان جي سفارتي ڪردار ۽ امن جي ڪوشش کي ساراهيو ويو ايراني سفير رضا اميري مقدم پنهنجي تقرير ۾ چيو ته ايران خطي ۾ بالادستي نٿو چاهي اهو پنهنجي خودمختياري جي حفاظت ڪرڻ چاهي ٿو ايٽمي پروگرام مڪمل طور تي پرامن آهي، ڪو به ثبوت پيش نه ڪيو ويو آهي. آئي اي اي اي پڻ تصديق ڪئي ته ايران ايٽمي هٿيار نه ٺاهي رهيو آهي هن چيو ته ايران 1979 جي انقلاب کان وٺي مسلسل دٻاءُ کي منهن ڏئي رهيو آهي اهو 47 سالن تائين آمريڪا ۽ صيهوني قوتن جي دٻاءُ کي برداشت ڪيو آهي پر اهي ناڪام ٿيا. ايراني سفير چيو ته اسرائيل خطي ۾ بالادستي چاهي ٿو آمريڪا ان جي حمايت ڪري ٿو آمريڪا ڳالهين دوران اوچتو حملا ڪيا، سفارتي عمل متاثر ٿيو ايران کي جاني ۽ مالي نقصان جي باوجود، قوم متحد ۽ مضبوط آهي

بقايا | 9 | سفارشون تيار

جي اعليٰ عملدارن جي اسلام آباد ۾ منعقد تازي اجلاس ۾ تعاون جي اهم شعبن جو جائزو ورتو ويو ۽ 17 اپريل تي ترڪيه جي شهر انطاليه ۾ ٿيندڙ پرڏيهي وزيرن جي اجلاس جي لاءِ سفارشون تيار ڪيون ويون آهن. ڪالهه خميس ڏينهن پريس بريفنگ ۾ هن چيو ته پاڪستان، سعودي عرب، ترڪيه ۽ مصر جي اعليٰ عملدارن جو اهو اجلاس 14 اپريل تي اسلام آباد ۾ ٿيو هن چيو ته چئني ملڪن جي اعليٰ عملدارن جو اهو اجلاس اسلام آباد ۾ 19 مارچ جي پرڏيهي وزيرن واري مشاورتي اجلاس ڪانپوءِ منعقد ٿيو ترجمان چيو ته پاڪستان پاران مون اجلاس ۾ پنهنجي وفد جي قيادت ڪئي. هن چيو ته اسان تعاون جي اهم شعبن جو جائزو ورتو ۽ 17 اپريل 2026ع تي ترڪيه جي شهر انطاليه ۾ ٿيندڙ پرڏيهي وزيرن جي ايندڙ اجلاس جي لاءِ سفارشون تيار ڪيون ترجمان چيو ته عملدارن نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار ۽ پرڏيهي سيڪريٽري آمنه بلوچ سان پڻ گڏيل طور تي ملاقات ڪئي جنهن ۾

بقايا | 42 | ناصر شاهه

ڪئي. ملاقات دوران ٽرانسليٽر اردو جي مستند ترجمن "ڪنزالايمان" ۽ "فتح الحميد" کي پهريون ڀيرو رومن ميمڻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪيل قرآن پاڪ جا نسخا صوبائي وزير کي پيش ڪيا.

بقايا | 43 | رپيا ورهايا ويا

شموليت، وقار ۽ برابر موقعن جي طرف هڪ اهم قدم قرار ڏنو

بقايا | 34 | ڏک جو اظهار

شريف ترڪيه ۾ اسڪول تي حملي ۾ قيمتي جانين جي نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي

بقايا | 35 | ضمانت ۾ واڌ

روڪٿام واري خصوصي عدالت 9 مئي جي ڇڪ ڏاهه واري ڪيس ۾ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جي عبوري ضمانت ۾ 7 مئي تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي

ڪيٽرائي شهري فوت ۽ زخمي ٿيا آهن جڏهن ته 11 ملين کان وڌيڪ بي گهر ٿيا آهن. سعودي عرب سوڊان جي عوام لاءِ انساني امداد جي فراهمي جاري رکي آهي سعودي وزير برلن ۾ سوڊان لاءِ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي خاص نمائندي، قطر ۽ جرمني جي مملڪتي وزيرن ۽ آمريڪي صدر جي عرب ۽ آفريڪا جي معاملن بابت صلاحڪار سان پڻ ملاقاتون ڪيون

آفيس آف دي
ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن،
دادو

فون/فيڪس نمبر: 025-552322
اي ميل آءِ ڊي: xenpheddadu@yahooc.om

No. TC/607 / 2026

Dadu Dated. 13/04/2026

"بدعنواني کان پاڪ"

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

سڀني ٺيڪيدارن/فرمن کان جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC)وٽ لاڳاپيل ڪيٽيگريز (CE-09, CE-10, ME-06, EE-11)، فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR)۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB)وٽ رجسٽرڊ آهن کان (هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار) تحت مهربند ٽينڊر گهرايا وڃن ٿا. اهي ٽينڊر SPPRA رولز_2010 (ترميم ٿيل 2019) جي مطابق، هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ الڳ الڳ لفافن ۾ گهربل آهن:

شمار نمبر	ڪم جو تفصيل	ڪُتيل رقم (ملين ۾)	5% بِڊ سيڪيورٽي (ملين ۾)	مڪمل ڪرڻ جو مدو	ٽينڊر في (روپيا)
	پائيدار ترقيءَ جا مقصد (SDGs)				
1	ڊسپوزل ورڪ جي تعمير بشمول سرفيس ڊرينز ۽ پيوند بلاڪ زون B ۾، ڊرينيج اسڪيم (درگاهه سعدي موسائٽي) لاءِ، ڳوٺ نئون ڳوٺ، تعلقو ميهڙ، ضلعو دادو	38.070	1.9035	12مهينا	5000/-
2	سرفيس ڊرينز جي تعمير بشمول ڊرينز کي مٽي ڪڍڻ ۽ پيور بلاڪ لڳائڻ زون A ۾، ڳوٺ نئو ڳوٺ، تعلقو ميهڙ، ضلعو دادو	37.993	1.900	12مهينا	5000/-
3	سرفيس ڊرينز جي تعمير ۽ درگاهه جي آسپاس پيور بلاڪ لڳائڻ، ڳوٺ نئون ڳوٺ، تعلقو ميهڙ، ضلعو دادو	28.715	1.436	12مهينا	5000/-
4	مين روڊ ۽ درگاهه سعدي موسائٽيءَ جي آسپاس سولر اسٽريٽ لائيٽس لڳائڻ، ڳوٺ نئون ڳوٺ، تعلقو ميهڙ، ضلعو دادو	15.227	0.762	12مهينا	5000/-

ٽينڊر جمع ڪرائڻ جون هدايتون ۽ اهليت جو معيار:

1. مٿي ذڪر ڪيل ڪمن لاءِ ڪورا ٽينڊر فارم اشاعت جي تاريخ کان EPADS سنڌ جي ويب سائيٽ تان يا ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو جي آفيس مان ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا.
2. ٽينڊر جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 12-05-2026 صبح 12:00 وڳي تائين آهي. حصو وٺندڙ فرمن جا ٽيڪنيڪل پروپوزلز ساڳئي ڏينهن تي منجهند 12:30 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران کوليا ويندا.
3. جيڪڏهن حڪومت پاران ٽينڊر جمع ڪرائڻ يا کولڻ واري ڏينهن تي موڪل جو اعلان ڪيو ويو ته، ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي جمع/کوليا ويندا.
4. جيڪڏهن ٽينڊر منسوخ ڪيا ويا، رد ڪيا ويا يا ڪا موٽ نه ملي، ته جمع ڪرائڻ جي ايندڙ تاريخ 28-05-2026 صبح 12:00 وڳي تائين هوندي ۽ پروڪيورمينٽ ڪميٽيءَ پاران ساڳئي ڏينهن 12:30 وڳي کوليون وينديون.
5. ٽينڊر ۾ ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل پروپوزلز شامل آهن ۽ لازمي طور تي EPADS سنڌ جي ويب سائيٽ (https://portalsindh.eprocure.gov.pk/) ذريعي اليڪٽرانڪ طريقي سان جمع ڪرائڻا پوندا. هٿرادو طور جمع ڪيل ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
6. ٽينڊر فارم کي صاف سٿرو مڪمل ڪيو وڃي، جنهن تي واڪ لڳائيندڙ جي صحيح ۽ ڪمپني جي مهر لڳل هجي. هر آڇ سان گڏ ناقابل واپسي ٽينڊر في ۽ بِڊ سيڪيورٽي هجڻ لازمي آهي.(BC)، شيڊولڊ ڊپوزٽ رسيد (SDR)، يا بينڪ گارنٽي (BG) ايگزيڪيوٽو انجنيئر (Dev)، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو جي نالي هجڻ گهرجي.
7. ٽينڊر في ۽ بِڊ سيڪيورٽي جا اصل دستاويز مٿي ذڪر ڪيل ٽينڊر جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ فزيڪلي طور جمع ڪرائڻ لازمي آهن. دير سان جمع ڪرائڻ جي صورت ۾ آڇ رد ڪئي ويندي ۽ آڇ ڏيندڙ کي عمل ۾ شامل ٿيڻ کان روڪيو ويندو.
8. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ ڊسپلين (CE-09, CE-10, ME-06 & EE-11) ۾ صحيح رجسٽريشن لازمي آهي.
9. فعال حيثيت سان صحيح انڪم ٽيڪس رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ ۽ تازو پرنٽ، گذريل ٽن سالن جا انڪم ٽيڪس رٽرن، ۽ صحيح سنڌ روينيو بورڊ (SRB) سرٽيفڪيٽ فعال حيثيت ۽ تازي پرنٽ سان، پروفيشنل ٽيڪس سرٽيفڪيٽ، ليبر انشورنس سرٽيفڪيٽ، ISO سرٽيفڪيٽ 45001 ۽ 9001 ۽ مالڪ/پروپرائيٽر جو سڃاڻپ ڪارڊ.
10. ٽيڪنيڪل پروپوزل جو هر صفحو فرم/ڪمپني جي مالڪ کان تصديق ٿيل (attested) هجڻ گهرجي ۽ ان تي ڪمپني جي مهر لڳل هجي.
11. آڇ ڏيندڙ کي لازمي طور تي مڪمل اسٽينڊرڊ واڪ دستاويز (SBD) مهيا ڪرڻا پوندا، سڀئي گهربل فارميٽس ڀرڻا پوندا، ۽ ان مطابق ريٽ (در) لکڻا پوندا. فنانشل پروپوزل جي هر صفحي تي بااختيار شخص جي صحيح ۽ ڪمپني جي مهر هجڻ گهرجي. صرف شيڊول _B جمع ڪرائڻ يا اڌورا SBDs قبول نه ڪيا ويندا ۽ نتيجي ۾ آڇ رد ڪئي ويندي.
12. گذريل ٽن سالن دوران ڪيل ساڳئي نوعيت جي ڪمن جو تجربو، دستاويزي ثبوتن ۽ ڪم مڪمل ڪرڻ جي سرٽيفڪيٽن سان گڏ.
    ii. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳيو ڪم جنهن جي قيمت ڪم جي اندازي مطابق قيمت جو 80 سيڪڙو هجي؛ يا
    iii. گهٽ ۾ گهٽ ٻه ساڳيا ڪم، جن مان هر هڪ جي قيمت اندازي مطابق قيمت جو 50 سيڪڙو هجي.
13. (i) ڊرينيج اسڪيمن جي نوعيت جي مڪمل ٿيل ڪمن جي لسٽ دستاويزي ثبوتن سان مهيا ڪريو (ii) ڊرينيج اسڪيمن جي نوعيت جي جاري ڪمن جي لسٽ دستاويزي ثبوتن سان مهيا ڪريو.
14. ڪم جي مڪمل ڪرڻ لاءِ موجود مشينري ۽ سامان جو تفصيل، جنهن ۾ مالڪي/ڪرائي/ليز جا دستاويزي ثبوت هجن: (i) ٽريڪٽر ٽرالي ۽ واٽر ٽينڪر گهٽ ۾ گهٽ 02 عدد. (ii) جنريٽر 3_ KVA گهٽ ۾ گهٽ 01 عدد. (iii) ايڪسيويٽر مشين گهٽ ۾ گهٽ 01 عدد. (iv) 4x4 گاڏي گهٽ ۾ گهٽ 2 عدد. (v) مڪسچر مشين 2 عدد. (vi) ڊمپر 2 عدد.
15. ٽيڪنيڪل عملي ۽ اهم سائيٽ مينيجمينٽ اسٽاف جي اهليت ۽ تجربو: (i) B.E سول انجنيئر (1 عدد) (ii) B.E اليڪٽريڪل انجنيئر (1 عدد) (iii) B.E ميڪنيڪل انجنيئر (1 عدد) (iv) سائيٽ سپروائيزر جيڪو اليڪٽريڪل/سول ڪمن ۾ مهارت رکندڙ هجي.
16. بينڪ جو سرٽيفڪيٽ جيڪو گذريل 3 سالن دوران گهٽ ۾ گهٽ 20 سيڪڙو ڪريڊٽ ورٿي نيس (سالاني اوسط بيلنس) ظاهر ڪري، ان سان گڏ بينڪ اسٽيٽمينٽ لازمي طور تي هر سال لاءِ الڳ مهيا ڪئي وڃي (01.07.2022 کان 30.06.2025 تائين) ۽ تازو بينڪ سرٽيفڪيٽ جنهن ۾ اندازي مطابق قيمت جو گهٽ ۾ گهٽ 15 سيڪڙو بيلنس موجود هجي.
17. آڇ ڏيندڙن پاران جمع ڪيل ٽيڪنيڪل پروپوزل جي ترتيب لازمي معيار (فارم _اي) ۽ اهليت جي معيار (فارم _بي) مطابق سيريل نمبر موجب هجڻ گهرجي. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۾ آڇ ڏيندڙ پاران ڪو به بيو غير ضروري دستاويز شامل/جمع نه ڪيو وڃي.
18. گذريل ٽن سالن جون آڊٽ رپورٽون جيڪي ICAP رجسٽرڊ آڊٽ فرم جون هجن. غير ICAP فرم پاران جاري ڪيل آڊٽ رپورٽون قبول نه ڪيون وينديون.
19. 500 روپين جي اِي_اسٽامپ پيپر تي تازو بيانِ حلفي مهيا ڪريو جيڪو اوٿ ڪمشنر کان تصديق ٿيل هجي ۽ ان ۾ هيٺيان شرط ۽ ضابطا درج هجن: (1) بيانِ حلفي ته فرم ڪنهن به قانوني تڪرار ۾ ملوث ناهي ۽ ڪم اڌ ۾ نه ڇڏيو اٿس (2) بيانِ حلفي ته فرم ڪنهن به سرڪاري اداري پاران بليڪ لسٽ ٿيل ناهي. (3) بيانِ حلفي ته ڏنل معلومات، دستاويز ۽ انگ اکر مڪمل طور تي سچا ۽ درست آهن (4) بيانِ حلفي ته فرم ڪم مڪمل ٿيڻ جي تاريخ کان 6 مهينن تائين ڪم ۾ ڪنهن به نقص جي ذميواري ڪندي.
20. SBDs ۾ درج آڇ ڏيندڙن لاءِ هدايتون، بڊنگ جون تاريخون، معاهدي جا شرط ۽ معاهدي جي تاريخ تي سختيءَ سان عمل ڪيو ويندو.
21. اڻپورا، اوور رائٽنگ ٿيل يا مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
22. آڇ جي صحيح هجڻ جو مدو 90 ڏينهن هوندو.
23. ٽينڊر جي سڄي عمل دوران پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي چيئرمين جي آفيس ۾ موبائل فون جو استعمال سختي سان منع آهي.
24. تمام رابطا يا وضاحتن لاءِ درخواستون صرف EPADS پورٽل ذريعي ڪيون وينديون. آڇ ڏيندڙ جي ذميواري آهي ته هو ڪنهن به اپڊيٽ يا نوٽيفڪيشن لاءِ باقاعدگيءَ سان پورٽل کي چيڪ ڪندا رهن.
25. بااختيار اختيارين کي SPPRA رولز_2010 (ترميم ٿيل) جي تحت ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪرڻ جو حق حاصل آهي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن
دادو

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/1467/2026

آفيس آف دي
ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
پيپلز ميڊيڪل ڪاليج هاسپيٽل نوابشاهه
شهيد بينظير آباد

هائوس جاب
(مالي سال 2025 لاءِ ساليانى / نيم ساليانى بيچ)

PUMHSW نوابشاهه SBA جي MBBS گريجوئيٽس لاءِ سيشن 2026-2027
پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اسپتال نوابشاهه شهيد بينظير آباد ۾

1. الف) MBBS گريجوئيٽ (سالاني / نيم سالاني بيچ 2025) PMC اسپتال نوابشاهه SBA کان پهريون مدو هائوس جاب ٽريننگ لاءِ درخواستون 24-04-2026 کان 30-04-2026 تائين گهربل آهن.
   ب) درخواست فارم اسٽيبلشمينٽ برانچ هائوس آفيسرز سيڪشن، گرائونڊ فلور، ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ آفيس، پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اسپتال نوابشاهه شهيد بينظير آباد مان ملي سگهندو
2. انٽرويو 02-05-2026 تي صبح 10:00 وڳي V.C سيڪريٽريٽ لطيف هال، PUM&HSW شهيد بينظير آباد ۾ منعقد ٿيندو. PMC اسپتال نوابشاهه شهيد بينظير آباد.

ان کان علاوه ڪو به بيو الڳ ليٽر جاري نه ڪيو ويندو

1. هائوس جاب ٽريننگ جو پهريون مدو 16 مئي، 2026 کان شروع ٿيندو
2. مقرر تاريخ کان پوءِ ڪنهن به درخواست تي غور نه ڪيو ويندو
3. درخواست فارم سان گڏ هيٺيان دستاويز هجڻ ضروري آهن:
   الف) يونيورسٽي / PUMHSW جو ڪليئرنس / نو ڊيوز سرٽيفڪيٽ.
   ب) فائنل ايئر MBBS جو پاس ۽ ڊگري سرٽيفڪيٽ.
   ج) فائنل ايئر MBBS جي مارڪ شيٽ.
   د) PMDC رجسٽريشن / پرووزنل سرٽيفڪيٽ.
   ه) امپلائيمينٽ ايڪسچينج سرٽيفڪيٽ.
   و) سڃاڻپ ڪارڊ .(C.N.I.C)
   ز) ٻه پاسپورٽ سائيز تصويرون.
4. سليڪشن کان پوءِ رهائش رولز / پاليسي مطابق مهيا ڪئي ويندي.
5. درخواست فارم کي احتياط سان ڀريو وڃي، درخواست جمع ڪرائڻ کان پوءِ ڪنهن به قسم جي ترميم قبول نه ڪئي ويندي.
6. اڻپوري درخواست قبول نه ڪئي ويندي.

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اسپتال نوابشاهه
شهيد بينظير آباد

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/1480/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ايران-آمريڪا ڇڪتاڻ، جنگ کان ڳالهين تائين سفر
صفحو 4

راجا زاد اختر خانزاد
هرمز تي ڪنٽرول؟ آمريڪا، ايران ۽ پاڪستان جي ممڪن ڪردار بابت ابرندڙ سوال
صفحو 4

قاضي نظير اڪبر: خدمت، همت ۽ وقار جو هڪ روشن داستان!
يونس چانڊيو
صفحو 4

منصور حيات بلوچ
انسانيت جو ڪنڌ جهڪائيندڙ هالا واقعو!
صفحو 4

زرعي يونيورسٽي ۾ ريسرچ ورڪشاپ جي پڄاڻي، وائيس چانسلر پاران ڊيٽا ۽ جي آءِ ايس جي اهميت تي زور

اي اين او وي اي، ٽي ٽيسٽ، باهمي لاڳاپن ريگريشن ۽ ڪائي اسڪوائر سميت ڊيٽا جي مؤثر پيشڪش بابت تفصيلي سيشن

وائيس چانسلر جديد تحقيق ۾ ڊيٽا جي اهميت تي زور ڏيندي تفصيلي، جزوي ۽ علائقائي ڊيٽا جي استعمال کي لازمي قرار ڏنو

زرعي تحقيقاتي ادارن ۽ نيوڪليئر انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر سان لاڳاپيل شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ "ٽيون انٽومالاجيڪل سوسائٽي آف سنڌ – اسٽيٽسٽڪس اينڊ ريسرچ جرني" ورڪشاپ پڄاڻي تي پهتي جنهن ۾ شاگردن، محققن ۽ ماهرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ورڪشاپ جو مقصد شرڪت ڪندڙن کي تحقيق جي منصوبابندي، عملدرآمد تجزيي ۽ نتيجن جي مؤثر پيشڪش بابت مهارتون مهيا ڪرڻ هو. هي ورڪشاپ انٽومالاجيڪل سوسائٽي آف سنڌ ۽ آفيس آف ريسرچ، انوويشن اينڊ ڪمرشلائيزيشن (او آر آءِ سي) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي گڏيل سهڪار سان منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ تجربي جي ترتيب، شمارياتي طريقا جهڙوڪ اي اين او وي اي، ٽي ٽيسٽ، باهمي لاڳاپن ريگريشن ۽ ڪائي اسڪوائر سميت ڊيٽا جي مؤثر پيشڪش بابت تفصيلي سيشن ڪرايا ويا. اختتامي تقريب ۾ وائيس چانسلر انجنيئر ڊاڪٽر الطاف علي سيال خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. پنهنجي خطاب ۾ هن جديد تحقيق ۾ ڊيٽا جي اهميت تي زور ڏيندي تفصيلي، جزوي ۽ علائقائي ڊيٽا جي استعمال کي لازمي قرار ڏنو. هن سائنسي تحقيق ۾ جغرافيائي معلوماتي نظام جي وڌندڙ ڪردار تي روشني وڌي ۽ چيو ته درست ۽ منظم ڊيٽا ئي اثرائتا نتيجا ڏئي سگهي ٿي. جڏهن ته آن قسم جون تربيتي سرگرميون شاگردن ۽ محققن جي صلاحيتن کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون. ان موقعي تي ورڪشاپ جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر عرفان احمد گلال ۽ ڊاڪٽر ياڻي خان سولنگي پڻ خطاب ڪيو ۽ شرڪت ڪندڙن کي تحقيق ۾ سائنسي طريقا اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏني. تقريب دوران پروفيسر ڊاڪٽر امتياز نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر محمد ابراهيم خاصخيلي سميت ٻيا به موجود هئا. آخر ۾ وائيس چانسلر سنڌ زرعي يونيورسٽي، زرعي تحقيقاتي ادارن ۽ نيوڪليئر انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر سان لاڳاپيل شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ۽ سندن علمي دلچسپي کي ساراهيو.

ٽنڊوڄام سنڌ زرعي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال ۽ ٻيا ورڪشاپ کي خطاب ڪندي

سوڀوديرو ۾ خالده عرف روبينا چانڊيو کي بي گناهه ڪاري ڪري قتل ڪرڻ خلاف احتجاج

جي ڊبليو سي جي مرڪزي سڏ تي ڦول باغ کان پريس ڪلب گمبٽ تائين وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

مظاهرين پاران "خالده عرف روبينا چانڊيو کي انصاف ڏيو"، "قاتلن کي گرفتار ڪيو" ۽ "ظلم بند ڪيو" جا زوردار نعرا

عورتن سان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين خلاف سماج کي گڏجي آواز اٿارڻو پوندو، جيئن اهڙن واقعن کي روڪي سگهجي: اڳواڻ

سوڀوديرو (رپورٽ: فقير محمد عباسي) گمبٽ ۾ جي ڊبليو سي جي مرڪزي سڏ تي ضلعي خيرپور جي اڳواڻ ۽ ڪارڪنن سکر جي صحافين شوڪت نوناري، مولائي عمران شاهاڻي سميت وڏي انگ عورتن، سياسي سماجي اڳواڻن شهرين سول سوسائٽي جي اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ ڪندو مستي جي رهواسي خالده عرف روبينا چانڊيو کي بي گناهه ڪاري ڪري قتل ڪرڻ خلاف ڦول باغ گمبٽ کان پريس ڪلب گمبٽ تائين وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ۽ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ريلي ۾ وڏي انگ ۾ شهرين صحافين سماجي ڪارڪنن ۽ مختلف تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي، جن جي هٿن ۾ نعرن وارا بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيا هئا، جن تي انصاف لاءِ نعرا لکيل هئا. مظاهرين پاران "خالده عرف روبينا چانڊيو کي انصاف ڏيو"، "قاتلن کي گرفتار ڪيو" ۽ "ظلم بند ڪيو" جا زوردار نعرا هنيا ويا. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته خالده عرف روبينا چانڊيو جو قتل انسانيت خلاف سنگين جرم آهي، جنهن ۾ ملوث سمورن مک جوابدارن ۽ سندس ساٿارين کي اجا تائين پوليس گرفتار نه ڪيو آهي، جيڪو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي تي وڏو سواليا نشان بڻيل آهي. هنن چيو ته جيستائين جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين سخت سزا نه ڏني وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. مظاهري ۾ شامل اڳواڻن وڌيڪ چيو ته عورتن سان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين خلاف سماج کي گڏجي آواز اٿارڻو پوندو جيئن اهڙن واقعن کي روڪي سگهجي. هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. جڏهن ته ريلي ۾ سٽي پريس ڪلب رانيپور جو صدر سيد زنوار شاهه، سماجي اڳواڻ انور علي ڪيمٽيو ۽ ٻيا پڻ شريڪ هئا.

شهيد بينظيرآباد ۾ سنڌي ٻولي سکيا مرڪز جو افتتاح

سنڌي ٻولي اسان جي سڃاڻپ آهي: ڊي سي عبدالصمد نظاماڻي

ٻولي جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ اهڙن مرڪزن جو قيام نهايت ضروري آهي

نوابشاهه (س ر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي، چيئرمين سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ڊاڪٽر شير مهراڻي سان گڏجي بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ شهيد بينظيرآباد ۾ 'سنڌي ٻولي سکيا مرڪز' جو افتتاح ڪيو. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي چيو ته سنڌي ٻولي اسان جي سڃاڻپ آهي ۽ ان جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ اهڙن مرڪزن جو قيام نهايت ضروري آهي. هن وڌيڪ چيو ته نوجوان نسل کي پنهنجي مادري ٻوليءَ سان ڳنڍڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، جنهن سان نه رڳو ثقافت محفوظ رهندي پر تعليمي ۽ سماجي ترقي پڻ ممڪن ٿيندي. ان موقعي تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو ته اسان جو بنيادي مقصد نئين نسل کي سنڌي ٻوليءَ جي درست سکيا ۽ استعمال ڏانهن مائل ڪرڻ آهي ته جيئن ايندڙ نسل به پنهنجي مادري ٻوليءَ سان ڳنڍيل رهن. چيئرمين وڌيڪ چيو ته اهڙا مرڪز حيدرآباد، ڪراچي، سکر ۽ خيرپور ۾ به قائم ڪيا ويا آهن. جتي سنڌي استادن جي تربيت کان علاوه سنڌي نه ڄاڻندڙ فردن لاءِ بنيادي سنڌي ڪورس پڻ ڪرايو وڃي ٿو. هن افتتاحي تقريب ۾ ڊائريڪٽر بلاول انسٽيٽيوٽ نذير احمد زرداري، شهيد بينظير يونيورسٽيءَ جي ڊين پروفيسر لياقت علي زرداري، سنڌي شعبي جي چيئرمين امير علي شاهه، ڊاڪٽر قلو ميگهواڙ ۽ جينيٽڪس شعبي جي ڊاڪٽر اختر حسين شر پڻ خطاب ڪيو. جن سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي سکيا مرڪزن جي ڪردار کي ساراهيو ۽ چيو ته سنڌي ٻولي سکيا مرڪزن ۾ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن کي سنڌي ٻولي پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي بنيادي تربيت فراهم ڪرڻ ساراهه جوڳو ڪم آهي. واضح رهي ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي انهن مرڪزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ٻن قسمن جا سرٽيفڪيٽ ڪورس ڪرايا وڃن ٿا، جنهن سان سکيا وٺندڙن کي لاڀ حاصل ٿئي ٿو.

نوابشاهه ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي ڊاڪٽر شير مهراڻي سنڌي زبان سکڻ جي مرڪز جو افتتاح ڪندي

قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ۾ سيمينار

انساني اسمگلنگ عالمي سطح تي انساني حقن جي ڀڃڪڙي جو وڏو سبب بڻيل آهن: مقررين

ايف آءِ اي ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ۽ انساني اسمگلنگ جي روڪٿام لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي

نوابشاهه (س ر) ايف آءِ اي سرڪل شهيد بينظيرآباد پاران قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي نواب شاهه جي سينيٽ هال ۾ انساني اسمگلنگ ۽ انساني واپار جي روڪٿام، پاڪستان جي سرحدن جي حفاظت ۾ ايف آءِ اي جو اهم ڪردار جي موضوع تي سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر ايف آءِ اي شهيد بينظيرآباد عبدالرئوف شيخ چيو ته انساني اسمگلنگ ۽ انساني واپار جهڙا سنگين ڏوهه عالمي سطح تي انساني حقن جي ڀڃڪڙي جو وڏو سبب بڻيل آهن جڏهن ته پاڪستان به انهن چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ايف آءِ اي ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ۽ انساني اسمگلنگ جي روڪٿام لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هن چيو ته ملڪ جي ايئرپورٽن، بندرگاهن ۽ زميني سرحدن تي جديد نگراني نظام لاڳو ڪيو ويو آهي جنهن سان شڪي ماڻهن ۽ گروهن جي سڃاڻپ ممڪن بڻجي وئي آهي. انساني اسمگلنگ ۾ ملوث گروهن خلاف سخت ڪارروايون پڻ تيز ڪيون ويون آهن جن دوران ڪيترن ئي اسمگلرن کي گرفتار ڪري عدالتن حوالي ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ايف آءِ اي نه رڳو ملڪ اندر ڪارروايون ڪري رهي آهي پر بين الاقوامي ادارن سان پڻ رابطا مضبوط ڪري انساني واپار جي عالمي نيٽ ورڪ کي ٽوڙڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي آهي انهي سلسلي ۾ آگاهي مهم پڻ هلائي پئي وڃي ته جيئن ماڻهن کي غيرقانوني طريقي سان ٻاهرين ملڪن وڃڻ جي خطرن بابت ڄاڻ ڏئي سگهجي. هن چيو ته بيروزگاري ۽ غربت جهڙا مسئلا ماڻهن کي اسمگلرن جي چار ۾ ڦاسڻ تي مجبور ڪن ٿا. هن چيو ته انساني اسمگلنگ جي خاتمي لاءِ عوام جو سهڪار پڻ ضروري آهي ۽ ڪنهن به شڪي سرگرمي جي اطلاع فوري طور تي لاڳاپيل ادارن کي ڏني وڃي ته جيئن اهڙن ڏوهن کي روڪي سگهجي. هن چيو ته انساني اسمگلنگ نه رڳو قانوني ڏوهه آهي پر انساني وقار جي به سنگين توهين آهي جنهن جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوشش جي سخت ضرورت آهي. سيمينار ۾ پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ڪشنچند مکواڻا رجسٽرار رضوان صديقي سميت استادن شاگردن شاگردياڻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

نصيرآباد لڳ ڳوٺ خيرو جتوئي جي رهواسي ميڊيا آڏو داڻهن

ممتاز علي پنهور ۽ سندس پٽ زمين تي ناجائز قبضو ڪري ورتو آهي: ذوالفقار علي پنهور

واقعي بابت وڪڻ ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي آهي، پوليس آسرن تي پالي رهي آهي

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد لڳ ڳوٺ خيرو جتوئي جي رهواسي ذوالفقار علي پنهور پنهنجي گهرواري اختيار خاتون سان گڏ تعلقه پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻاڌايو ته ماڻهن پاران زمين تي قبضي ۽ ڪين ملندڙ موتمار ڌمڪين خلاف داڻهون چيو آهي ته ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي. ڳوٺ خيرو جتوئي ۾ سندس ملڪيتي زمين سروي نمبر 510 (پڪيڙ 3 اڪڙ 37 گهنٽا) ۽ سروي نمبر 23 (پڪيڙ 6 اڪڙ 30 گهنٽا) تي قبضا خور ممتاز علي پنهور ۽ سندس پٽ نادر حسين پنهور ناجائز قبضو ڪري ورتو آهي... ٿي اين سي پڻ داخل ڪرائي آهي پوليس جاءِ واردات جو معائنو ڪري رڳو آسرن تي پالي رهي آهي گڏيل چئن ڏينهن کان پوليس ڪو به تدارڪ ناهي ڪيو جڏهن ته جوابدارن پاران اسان کي لڳاتار موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جيڪڏهن اسان کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جا ذميوار ممتاز علي ۽ نادر حسين پنهور هوندا. ذوالفقار پنهور ۽ سندس گهرواري اختيار خاتون وزير اعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر کان گهر ڪئي آهي ته قبضا مافيا خلاف فوري ...

گلاب لغاري لڳ چار روزه ثقافتي نمائشي ميلي جون تقريبون شروع

ميلي ۾ سنڌ جي ثقافتي راند ملهه جو ملاکڙو، اتر ۽ لاڙ جي پهلوان شريڪ

يوسي چيئرمين تيمور خان ۽ موجود شائقين ڪامياب ملهن کي خوب داد ۽ نقد انعام ڏنو

گلاب لغاري (ن ع) گلاب لغاري جي ڳوٺ ماٺڪ لغاري ويجهو اڳوٺي پ پ ايم اين اي عبدالستار سريوال جي پوٽي امير احمد سريوال جي سرپرستي ۾ چار روزه ثقافتي نمائشي ميلي جون تقريبون شروع ٿي ويون آهن ميلي ۾ سنڌ جي ثقافتي راند ملهه جو ملاکڙو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ اتر ۽ لاڙ جي مشهور نالي وارن ملهه پهلوانن وڃ ۾ پهلوان غلام حسين سريوال جي نگراني هيٺ ملاکڙو ٿيو جنهن ۾ ٻهرين ٻٽي ۽ ٽئين جوڙ جي ملهه پهلوانن حصو ورتو پهلوانن حضور بخش زرداري، مراد پهنور اعجاز ميراڻي ڪولر زرداري، يوسڪي پنجابي، غلام مصطفيٰ نارو، يار محمد مري، ارشد موسيبيوٽو اخلاق سريوال عاشق ڪوسو واحد جت الهجڙيو نوحاڻي عباس ڪوڪر، شيردل گيڄاڻي، محبوب گيڄاڻي ۽ ٻين پهلوانن پهلواني جا جوهر ڏيکاريا جڏهن ته امير خان سريوال، توفيق خان سريوال محبوب خان سريوال يوسي چيئرمين تيمور خان ۽ موجود شائقين ڪامياب ملهن کي خوب داد ۽ نقد انعام ڏنو

گلاب لغاري چار روزه ثقافتي نمائشي ميلي جي ڦرين ۾ ملهه پهلوان زور آزمائي ڪندي

حضرت سردار احمد شاهه لڪياري جو 28هون ساليانو عرس اڄ کان شروع

ساليانى عرس جي باقاعده شروعات جمعي ڏينهن صبح 9 وڳي ڪئي ويندي

ميلي ۾ روزانو منجهند 3 وڳي سنڌ جي روايتي ملهه جو مقابلو منعقد ٿيندو

ملياري (ذ ر) ملياري ضلعي ۾ روحاني بزرگ ۽ بيباڪ صوفي شاعر حضرت سردار احمد شاهه لڪياري المعروف احمد لڪياري جو 28هون ساليانو عرس مبارڪ اڄ کان وڏي عقيدت ۽ شاندار روايتن سان شروع ٿي رهيو آهي هي روحاني ميلو 20 اپريل تائين جاري رهندو هي عرس مبارڪ درگاهه شريف نيو سعيدآباد ٻاءِ پاس ويجهو ضلعي ملياري ۾ منعقد ٿيندو جتي چئن ڏينهن تائين عقيدت، محبت، ثقافت ۽ سنڌي روايتن جو خوبصورت ميلو لڳندو عرس جي باقاعده شروعات جمعي ڏينهن صبح 9 وڳي ڪئي ويندي، جنهن ۾ زائرين، عقيدتمند ۽ مختلف علائقن مان ماڻهو وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا روزانو منجهند 3 وڳي سنڌ جي روايتي ملهه جو مقابلو منعقد ٿيندو جيڪو مقامي ثقافت جي سڃاڻپ طور پيش ڪيو ويندو هر رات 8 وڳي روحاني سماع ۽ راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون جن ۾ نامور فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا، جن ۾ صنم ماروي، شمن علي ميرالي، فائزه علي ۽ ٻيا فنڪار شامل آهن جيڪي صوفي پيغام کي وڌيڪ اجاگر ڪندا آچر جي رات 7 وڳي ادبي ڪانفرنس منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ سنڌي ادب، صوفي فڪر ۽ روحاني تعليم تي ويچار ونڊيا ويندا ان سان گڏ ثقافتي اسٽال مينا بازار، چوپائي مال جي نمائش، گهوڙن ۽ ٻڪرين جا مقابلا جهولا ۽ سرڪس جهڙيون تفريحي سرگرميون به شامل هونديون هي روحاني ميلو لڪياري ميلا ڪميٽي جي نگراني هيٺ سيد غلام شبير شاهه لڪياري جي اڳواڻي ۾ منعقد ڪيو پيو وڃي منتظمين طرفان سڀني عقيدتمندن زائرين ۽ عوام کي هن روحاني ۽ ثقافتي ميلي ۾ ڀرپور شرڪت جي دل سان دعوت ڏني وئي آهي.

ملياري حضرت سردار احمد شاهه لڪياري جي درگاهه

نيشنل بئنڪ آف پاڪستان پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

ڪراچي (اي پي پي) نيشنل بئنڪ آف پاڪستان مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه هن ريت جاري ڪيا آهن آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 280.75 رپيا ۽ خريد جو اگهه 277.73 رپيا، برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 381.28 رپيا ۽ خريد جو 376.78 رپيا، يورو جي وڪري جو اگهه 331.62 رپيا ۽ خريد جو اگهه 327.71 رپيا، جاپاني ين جو اگهه 1.7693 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7483 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 74.84 رپيا ۽ خريد جو اگهه 73.95 رپيا، اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 76.44 رپيا ۽ خريد جو اگهه 75.54 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو.

آپڪا سنڌ امن گروپ سنڌ اسپورٽس بورڊ اينڊ هاسٽل حيدرآباد ۽ پٽ شاهه ملاکڙا گرائونڊ پٽ شاهه يونٽن جو گڏيل اجلاس

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آپڪا سنڌ امن گروپ سنڌ اسپورٽس بورڊ اينڊ هاسٽل حيدرآباد ۽ پٽ شاهه ملاکڙا گرائونڊ پٽ شاهه يونٽن جو گڏيل اجلاس صوبائي صدر انور علي ميمڻ جي زير صدارت بزنس فورم چيمبر قاسم آباد حيدرآباد ۾ ٿي گذريو. جنهن ۾ صوبائي جنرل سيڪريٽري شاهد سومرو، سئنير نائب صدر غلام نبي سولنگي ۽ آفيس سيڪريٽري سرفراز علي راجپوت سميت اسپورٽس جي ڪجهه ملازمن ڀرپور شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پٽ شاهه ملاکڙا گرائونڊ ۽ اسپورٽس جي ٻين ڪجهه ملازمن جي گذريل 04 مهينن کان پگهارون بند ڪرڻ جي سخت مذمت ڪندي رانديڪن واري صوبائي وزير محمد بخش مهر ۽ سيڪريٽري اسپورٽس منورعلي مهيسر کان گهر ڪئي وئي ته ڪجهه ملازمن جي بند ڪيل پگهارون ڏئي انهن ملازمن کي هائي ڪورٽ حيدرآباد جي تاريخ 11 نومبر 2025 جي ڏنل فيصلي تي عمل ڪندي رانديڪن جي ڪجهه ملازمن کي بنا دير جي پڪو ڪيو وڃي انهن ڪجهه ملازمن سان ناانصافي ڪندي هن مهل 20هزار صرف پگهار اسپورٽس کاتو ڏئي رهيو آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت اعلان موجب سنڌ جي ڪجهه ملازمن جي پگهار گهٽ ۾ گهٽ 37هزار ڪئي وڃي. آپڪا سنڌ امن گروپ جي اڳواڻن چيو ته رانديڪن واري ڪجهه ملازمن جي "چارٽر آف ڊيمانڊ" ۾ شامل نڪتن جي حل لاءِ نياز اسٽيڊيم اسپورٽس هاسٽل حيدرآباد اڳيان 20 اپريل کان 02 ڪلاڪن جيڪڏهن ملازم علامتي بک هڙتال جي سلسلو شروع ڪندا. اسپورٽس جي ڪجهه ملازمن جي مرحليوار احتجاج تحريڪ هلائيندا سين.

ايران يقيني طور تي فٽبال ڪپ 2026ع ۾ شرڪت ڪندو: فيفا جو صدر

واشنگٽن (اي پي پي) فٽ بال جي عالمي تنظيم (فيفا) جي صدر جياني انفانٽينو تصديق ڪئي آهي ته آمريڪا سان جاري ڇڪتاڻ باوجود ايران يقيني طور تي ايندڙ فٽبال ورلڊ ڪپ ۾ حصو وٺندو. برطانوي ميڊيا مطابق فيفا جي صدر جياني انفانٽينو هڪ تقريب دوران اهو بيان ڏنو جنهن ۾ هن واضح ڪيو ته راند کي سياست کان الڳ رکڻ گهرجي ايران مارچ 2025ع ۾ ايشيا جي ٻهترين ٽيمن ۾ شامل ٿي ورلڊ ڪپ 2026ع لاءِ ڪواليفائي ڪيو هو پر آمريڪا سان جاري ڇڪتاڻ سبب ايران جي شرڪت تي سوال اٿاريا پيا وڃن ميگا ايونٽ آمريڪا، ڪينيڊا ۽ ميڪسيڪو جي گڏيل ميزبانيءَ ۾ منعقد ٿيندو ۽ ايران جون سموريون گروپ ميچون آمريڪا ۾ شيڊيولڊ آهن. شروعات ۾ ايراني جي اختيارين خدشو ظاهر ڪيو هو ته ٽيم آمريڪا جو سفر نه ڪري سگهندي ۽ ميچون ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ منتقل ڪيون وينديون پر فيفا اها درخواست رد ڪري ڇڏي هئي جياني انفانٽينو چيو هو ته ايران جي ٽيم ضرور اچڻ گهرجي ڇو ته هن ڪواليفائي ڪيو آهي ۽ رانديگرن کي کيڏڻ چاهين ٿا هن چيو ته اميد آهي ته ٽورنامينٽ تائين حالتون بهتر ٿي وينديون ۽ امن جو ماحول رانديگرن لاءِ بهتر آهي. ايران جي ٽيم جي تربيتي ڪيمپ جون مهيني ۾ آمريڪا ۾ متوقع آهي جڏهن ته ان جون گروپ ميچون 15، 21 ۽ 26 جون تي ترتيبوار نيوزيلينڊ، بيلجيئم ۽ مصر ...

موور سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ 33ڏينهن به احتجاج

ڪربلا ڪربلا حڪمرانو جواب ڏيو عدالتن کي ڇو روڪيو ويو آهي جا نعره

سنڌ حڪومت جي ظلم جبر بربريت ڏاڍ جي انتها ٿي وئي آهي: مظاهرين

مورو (ن ع) مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ 33ڏينهن به مورو پريس ڪلب آڏو قيدين جي وارثن مردن عورتن ٻارڙن نياڻين امڙين ونين ڀينرن ڀائرن پيرسن والدين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرڙو هنيو مظلوم غريب ماڻهن لاءِ انصاف ناهي ڇو پلا ڪربلا ڪربلا حڪمرانو جواب ڏيو عدالتن کي ڇو روڪيو ويو آهي ان جو حساب ڏيو جا نعرا هنيا ويا ان موقعي تي قيدين جي وارثن محسن علي رستماڻي اسرار احمد پتي علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو توڪل جويو نصير احمد ڪوڪر قبران لغاري راڻو لغاري مراد علي لغاري معصوم نياڻين پارڙن مشاهت لغاري وفا لغاري عروج لغاري فرحان لغاري مرحبا لغاري فرحان لغاري فراز لغاري يوسف رند سنڌ سڀا جي آڪاش سنڌي صدام چانڊيو وحيد سنڌي ۽ ٻين چيو ته اسان جا پيارا 11 مهينن کان بنا ڏوهه جي سنڌ حڪومت جي چوڻ تي ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ قيد ٿيل آهن جيڪڏهن انهن مظلوم بيگناهه قيدين ڪو ڏوهه ڪيو آهي ته ڪيس جو نه فلايو وڃي 11 مهينن کان صرف شنوائيون ملن ٿيون پر ڪيس هلڻ ۽ ضمانتون ڪرڻ تي سنڌ حڪومت جي بندش آهي ته پوءِ نوجوان استاد شاگرد پوليس اهلڪار مزدور پورهيت دڪاندار پيرسن ماڻهن کي جيل ۾ ڪهڙي حساب سان رکيو ويو آهي سنڌ حڪومت جي ظلم جبر بربريت ڏاڍ جي انتها ٿي وئي آهي ٻن نوجوانن کي شهيد ڪيو ويو ٻن نوجوانن جون ٽنگون ضائع ڪري معذور ڪيو ويو لغارين جا گهر دڪان ڊاهيا ويا سونا زيور روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڪنيو ويو دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا ڳوٺ لغاري بحرائي جو اڄ به محاصرو آهي قيدي جيل ۾ بيمارين ۾ ٿڙپي رهيا آهن انهن جو اعلاج نٿو ڪرايو وڃي ماڻهن سان ملڻ به نٿو ڏنو وڃي سنڌ حڪومت کان سوال آهي ته هي جنگي قيدي آهن قيدين جي وارثن حرن جي روحاني پيشوا پير سائين پاڳارا کي پر زور اپيل ڪئي ته سنڌ حڪومت جو ظلم بند ڪرايو وڃي 60 بيگناهه قيدين کي آزاد ڪرايو وڃي اسان مظلوم ماڻهن نياڻين جي مدد ڪئي وڃي

مورو مورو سانحي جي قيدين جي آزادي لاءِ وارث احتجاجي مظاهرو ڪندي

سنڌياڻي تحريڪ طرفان حيدرآباد پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال

خالده عرف روبينا چانڊيو جو لڳ ڪاناريندڙ قتل مذمت جوڳو آهي: اڳواڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڪندو مستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ هٽو چانڊيو ۾ نوجوان نياڻي روبينا چانڊيو ۽ هالا لڳ ڳوٺ نبي بخش چانڊيو ۾ 14 ورهين جي شمائلا چانڊيو جي سفاڪاڻي ۽ وحشياڻي قتل خلاف سنڌياڻي تحريڪ طرفان حيدرآباد پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي ۽ بک هڙتال جي اڳواڻي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمراهه سمون، مرڪزي جنرل سيڪريٽري سندو مگهڻهان ساجده پاڻي صائمه مگهڻهان شاهين خاصخيلي حسنا راهوجو ڊاڪٽر آمنا لاشاري ۽ ٻين ڀينرن شرڪت ڪئي سنڌياڻي تحريڪ جي هن احتجاج ۾ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن مرڪزي اڳواڻن نور احمد ڪاتيان عبدالقادر رانتي اظهار داٿودپوٽو سرمد راڄپر جي اڳواڻي ۾ شرڪت ڪئي سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن روبينا چانڊيو ۽ شمائلا چانڊيو جي بي رحماڻي قتل جي سخت مذمت ڪندي چيو ته خالده عرف روبينا چانڊيو جو لڳ ڪاناريندڙ قتل سنڌ ۾ روزانو ٿيندڙ عورتن جي ڪوس جو فقط هڪڙو واقعو آهي ان سان گڏوگڏ، هالا لڳ ڳوٺ نبي بخش چانڊيو ۾ زبردستي شاديءَ کان انڪار تي 14 سالن جي معصوم شمائلا چانڊيو کي سندس سئوٽن واحد ۽ راشد گهر مان زبردستي کڻي وڃي ڪهاڙين جا وار ڪري بيدرديءَ سان قتل ڪيو ۽ لاش وايس سندس ماءُ جي حوالي ڪيو شمائلا جي بيواهه ماءُ (جيڏل چانڊيو) جي دردناڪ اپيل سسٽم جي بي حسيءَ جو چٽو ثبوت آهي جنهن جو چوڻ آهي ته سندس ڌيءَ کي بيگناهه قتل ڪيو ويو پر انتظاميا جو حال اهو آهي ته پوليس ايف آءِ آر (FIR) داخل ڪرڻ لاءِ به 50 هزار روپيا رشوت گهري رهي آهي. اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ روز اهڙا واقعا ٿين ٿا ۽ سنڌ کي عورتن لاءِ قتل گاهه بڻايو ويو آهي. سنڌ کي قتل گاهه بڻائڻ ۾ وفاقي ۽ سنڌ حڪومت ٻئي برابر جا شريڪ آهن هر روز عورتن تي ٿيندڙ تشدد ۽ سندن قتلن تي حڪمرانن توڙي پوليس جي خاموشي ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته اهي سنڌ ۾ عورتن کي روزانو قتل ٿيندي ڏسڻ چاهين ٿا

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڪوٽ بنگلو جي رهواسي جو احتجاج

ڪوٽڙي ڪبير (ن ع) ڳوٺ عزت سولنگي لڳ ڪوٽ بنگلو جو رهواسي غلام حيدر شر پريس ڪلب ۾ اچي احتجاج ڪندي صحافين اڳيان ٻانهون ٻڌي چيو ته بااثر ماروٺ رياض شر نالي مون کي هر وقت قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جنهن سبب ڪري مان ڏاڍو پريشان ٿي ويو آهيان رياض شر مون کي موت مار ڌمڪيون ڏيندي چوي ٿو ته زمين جو نالو ڪلندي ته مون کان بچي نه سگهندين زندگي بچائڻي آهي ته چپ ڪري ويهي رهه جڏهن ته اسان پاڻ ۾ به پائر آهيون ٻنهي پائرن جو چئن ايڪڙن تي مشتعمل زمين جو گڏيل کاتو آهي مان جيل ۾ هئس ته منهنجي غير موجودگي ۾ ... برادري فيصلو ڏيڻ جنهن تان رياض شر منهنجي معان ڏمرجي پيو ۽ مونکي جهڪائڻ لاءِ هن پهرين ڪوٽ بنگلو پوليس کي رشوت ڏئي مونکي باهه جي ڪوڙي ڪيس ۾ ٻڌرايو 15 ڏينهن پوليس گهر ڪري ڇڏيو پوءِ 30 هزار رپيا پوليس رشوت وٺي ڇڏي ڏنو وري ٻيهر رياض شر پوليس کي لکين رپيا رشوت ڏئي مونکي ٽي ڪلو ينگ ڪيس ۾ جيل موڪلي ڇڏيو هن وڌيڪ چيو ته رياض شر ظالم ۽ ڦڏڻي ۽ ڦرائي قسم جو ماڻهون آهي، جنهن منهنجو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي رياض شر جي مسلسل ظلمن جي ڪري خودڪشي ڪرڻ جهڙو ٿي ويو آهيان هن ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ...

گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ۽ گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ڀهاول زئونر ۾ تقريب

تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران تقريرون، ٽيبلوز پيش، قومي گيتن تي جهمريون

ساليانى امتحانن جا نتيجا پڌرا ڪرڻ بعد پوزيشن ڪٺندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ شيلڊون ۽ ميڊلز تقسيم

نريش ڪمار، راڻو فيضان احمد، شوڪت علي زئونر، موهن ڪمار، جان محمد پرڳڙي ۽ ٻين پاران انعام ڏنا ويا

سرڪاري اسڪولن ۾ شاگردن کي بهترين تدريسي ۽ غير تدريسي ماحول فراهم ڪيو پيو وڃي: نريش ڪمار

صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه جي ويزن "پڙهندي سنڌ، وڌندي سنڌ" جي سري هيٺ تعليم جي معيار کي بهتر بڻايو آهي: راڻو فيضان احمد

حيدرآباد ساليانى امتحانن ۾ پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن کي نريش ڪمار راڻو فيضان احمد، شوڪت علي زئونر ۽ جان محمد پرڳڙي انعام ڏيندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد تعلقي حيدرآباد ڀهراڙي جي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ڀهاول زئونر ۽ گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ڀهاول زئونر ۾ ساليانى امتحانن جا نتيجا پڌرا ڪرڻ بعد پوزيشن ڪٺندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي ملن ۾ تقريب جو اهتمام ڪيو ويو. تقريب ۾ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ڀهاول زئونر جي انچارج هيڊ ماسٽر نريش ڪمار، گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ڀهاول زئونر جي هيڊ ماسٽر راڻو فيضان احمد راجپوت، سينئر استاد شوڪت علي زئونر، موهن ڪمار، جان محمد پرڳڙي، سيد مظفر علي شاهه، سجاول جانجهڻجي، محبت علي خاصخيلي، غلام شبير زئونر، لڇمڻ ڪمار، وقار حسن علوي، ابرار حسن علوي، محسن اسلم ڪوسو، مدثر نظر زئونر، محسن قائمخاني، راڄ ڪمار لوڌ، عبدالوهاب نظاماڻي، وصي الله نظاماڻي، رشاد صالح عمراڻي، نويد نظاماڻي، شهباز خاصخيلي، ايس ايم سي چيئرمين محمد صفر ڀهوڙ ۽ ٻين پوزيشن ڪٺندڙ شاگردن ۾ انعام ورهايا. ڪمپيئرنگ جا فرائض لڇمڻ ڪمار ۽ مدثر نظر زئونر سرانجام ڏنا. ان موقعي تي خطاب ڪندي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ڀهاول زئونر جي انچارج هيڊ ماسٽر نريش ڪمار ۽ گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ڀهاول زئونر جي هيڊ ماسٽر راڻو فيضان احمد راجپوت چيو ته صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه جي ويزن "پڙهندي سنڌ، وڌندي سنڌ" جي سري هيٺ تعليم جي معيار کي بهتر بڻايو آهي. سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن کي بهترين تدريسي ۽ غير تدريسي ماحول فراهم ڪيو پيو وڃي. والدين پنهنجي ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائي، علم جي روشني سان آشنا ڪن. تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين تقريرون ڪيون ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا. ان موقعي تي سيد عزيز شاهه جمشيد ناريجو، علم علي ڪوراٽي، سيد رضوان شاهه وکيو مل ۽ ٻيا موجود هئا.

پگهارون ڏيو: حيدرآباد ۾ گريڊ هڪ کان چار گريڊ جي تعليم کاتي ملازمن جو احتجاج

هڪ کان چار جي ملازمن 34 مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

سال 2023 ۾ 14 سو کان وڌيڪ ملازم ڀرتي ڪري سموري ڪاغذي ڪارروائي بعد جوائنگ آرڊر ڏنا ويا: معظم شاهه

اسان کي 34 مهينا نوڪري ڪرڻ باوجود پگهارون جاري نه ڪرڻ نڌڻن ملازمن جو معاشي قتل عام آهي، انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) تعليم کاتي حيدرآباد ۾ گريڊ هڪ کان چار جي ملازمن 34 مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون سيد معظم شاهه لياقت علي رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته سال 2023 ۾ ڊي آر سي پاليسي موجب تعليم کاتي حيدرآباد جي پرائمري ۽ سيڪنڊري سائڊ تي گريڊ هڪ کان 4 جي ملازمن جا 14 سو کان وڌيڪ ڀرتي ڪري سموري ڪاغذي ڪارروائي بعد جوائنگ آرڊر ڏنا ويا. هنن چيو ته 34 مهينا نوڪري ڪرڻ باوجود پگهارون جاري نه ڪرڻ نڌڻن ملازمن جو معاشي قتل عام آهي. هنن چيو ته سيڪنڊري ۽ پرائمري سائڊ 1436 ملازم ڀرتي ٿيل آهن. هنن چيو ته ملڪي آئين ۽ قانون موجب سرڪاري ملازم کي نوڪري تي ڀرتي ڪرڻ ۽ جوائننگ ڏيڻ جي ڏهاڙي کان مهيني جي پڄاڻي تي پگهار ادا ڪرڻ ذميواري آهي پر ڪجهه عرصي کان ملازمن کي سرڪاري نوڪري ملڻ کان پوءِ سالن تائين پگهارن لاءِ رلائي پريشان ڪيو وڃي ته جيئن ماڻهو پريشان ۾ مبتلا رهن. هنن چيو ته سرڪاري نوڪري ڪندڙ ملازم بغير پگهار جي ڪهڙي طرح نوڪري ڪري سگهن ٿا هو ته ڊبل مائينڊ جو شڪار ٿي رهيا آهن. هنن چيو ته سندن گهرن ۾ فاقاڪشي واري صورتحال پيدا ٿي آهي. هنن صدر پاڪستان آصف علي زرداري، چيئرمين پ پ بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سوڌو ٻين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته تعليم کاتي حيدرآباد جي نڌڻن ملازمن کي 36مهينن جون رهيل پگهارون ۽ ٻيون مراعتون ڏنيون وڃن

ڪوٽ غلام محمد ۾ ڊاڪٽر فهميده لغاري جي بي رحماڻي قتل خلاف شاگردن ۽ استادن جو احتجاج

پ ٽ الف جي سڏ تي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي، پيادل مارچ ڪري مظاهرو ڪيو

استاد ماءُ پيءُ جهڙو درجو رکي ٿو پر افسوس جو تعليمي ادارن ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به ويٺل آهن، جيڪي انسانيت لاءِ داغ بڻجي ويا آهن: اڳواڻ

جيڪڏهن تعليمي ادارن ۾ اهڙا واقعا ٿيندا رهيا ته والدين پنهنجي نياڻين کي تعليم لاءِ ڪيئن موڪليندا؟ قتل سان انصاف ڪيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ميرپورخاص سان واسطو رکندڙ ميڊيڪل جي شاگردياڻي ڊاڪٽر فهميده لغاري جي بي رحماڻي قتل خلاف ڪوٽ غلام محمد ۾ شاگردن ۽ استادن جو زبردست احتجاج، انصاف لاءِ شديد نعريبازي ڪوٽ غلام محمد ۾ معصوم شاگردياڻي ڊاڪٽر فهميده لغاري جي قتل خلاف پ ٽ الف جي سڏ تي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي، هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي ٽي آءِ او آفيس کان پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد تائين تائين پيادل احتجاجي مارچ ڪري پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو جتي شديد نعريبازي ڪندي جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو ريلي جي اڳواڻي پ ٽ الف تعلقي صدر هيبت لغاري، جنرل سيڪريٽري عبدالرؤف ٻٽ، انفارميشن سيڪريٽري محمد خان جسڪاڻي ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي، جڏهن ته احتجاج ۾ ٽي اي اي ميل عبدالرشيد خاصخيلي پ ٽ الف ضلعي جنرل سيڪريٽري اسد خاصخيلي بلال قائمخاني، ظفر اقبال قائمخاني، غلام مرتضيٰ خاصخيلي، عبدالجبار قائمخاني، آزاد لغاري ۽ وڏي انگ ۾ استاد ۽ شاگرد شريڪ ٿيا ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته استاد ماءُ پيءُ جهڙو درجو رکي ٿو پر افسوس جو تعليمي ادارن ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به ويٺل آهن جيڪي انسانيت لاءِ داغ بڻجي ويا آهن هنن چيو ته فهميده لغاري سان پيش آيل واقعو نه صرف هڪ خاندان پر پوري سماج لاءِ الميو آهي جنهن انسانيت جو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن تعليمي ادارن ۾ اهڙا واقعا ٿيندا رهيا ته والدين پنهنجي نياڻين کي تعليم لاءِ ڪيئن موڪليندا؟ هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي فهميده لغاري جي قتل ۾ ملوث مک جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين سخت کان سخت سزا ڏني وڃي احتجاج ڪندڙن زور ڀريو ته تعليمي ادارن اندر اينٽي هراسمينٽ سيل قائم ڪيا وڃن جيئن مستقبل ۾ نائله رند، نمرتا ڪماري ۽ فهميده لغاري جهڙا دردناڪ واقعا ٻيهر جنم نه وٺن احتجاج دوران فضا "انصاف ڏيو انصاف ڏيو" جي نعريبازي سان گونجي اٿي جڏهن ته مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جوابدار گرفتار نه ٿيا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ڪوٽ غلام محمد ڊاڪٽر فهميده لغاري جي بي رحماڻي قتل خلاف شاگردن ۽ استاد احتجاجي مظاهرو ڪندي

مهراڻ يونيورسٽي جي وي سي پاران ڊاڪٽر انيل ڪمار جي والد جي وفات تي تعزيت جو اظهار

ڄامشورو (پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار جي والد انجنيئر موتي لال جي لاڏاڻي تي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو فئڪلٽيز جي ڊينز تدريسي ۽ انتظامي شعبن جي سربراهن، مهراڻ يونيورسٽي ٽيچرس ايسوسيئيشن مهراڻ يونيورسٽي آفيسرس ايسوسيئيشن ۽ مهراڻ يونيورسٽي ايمپلائيز ايسوسيئيشن پاران گهري ڏک جو اظهار ڪندي ڊاڪٽر انيل ڪمار سان تعزيت جو اظهار ڪيو ويو آهي

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن گذريل ڏينهن جاري تفصيلن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 21 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 8 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد 31 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 31 هزار 300 ڪيوسڪ آهي خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد 58 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 58 هزار 300 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 27 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 15 هزار ڪيوسڪ آهي جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 16 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 4 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمز ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1467.82 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.600 ملين ايڪڙ فٽ، منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1159.30 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 2.089 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 15 638 فٽ، پاڻي ...

چوهڙ جمالي شهر جو مک گرلس مڊل اسڪول مسئلن جي ور چڙهيل

اسڪول جي عمارت بلڊنگ جي زبون حالي جي باوجود نياڻيون تعليم پرائڻ تي مجبور

شڪايتن باوجود تعليم کاتي سميت ڪنهن به وس واري نياڻين جي داد رسائي نه ڪئي

چوهڙجمالي (ن ع) سنڌ جي ساحلي پٽي واري تعلقي شاهبندر ۾ نياڻين جي وڌيڪ تعليم لاءِ ڪوبه گرلس هائي اسڪول نه هجڻ سبب هتان جي نياڻين کي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو پريشان ٿيڻو پوي ٿو ڪجهه وقت اڳ گرلس هائي اسڪول جي نالي سان بلڊنگ تعمير ڪري ان جي ايس اين اي جاري نه ڪئي وئي جنهن جي ڪري جاٽايل بلڊنگ ان حال ۾ پيل جيڪا هتان جي ماڻهن جي ڪنهن به ڪم ۾ نه اچي سگهي آهي هوڏانهن چوهڙ جمالي شهر جي مک گرلس مڊل اسڪول جنهن ۾ شهر جون 200 کان وڌيڪ نياڻيون تعليم پرائين ٿيون پر اسڪول بلڊنگ جي زبون حالي ۽ اسڪول ۾ بنيادي سهولتون پيئڻ جي پاڻي واش رومز اڻپورو فرنيچر ۽ بجلي جو نظام نه هجڻ ڪري شهر جون نياڻيون ڦهر جهڙي گرمي به تعليم پرائڻ تي مجبور آهن ان سلسلي ۾ اسڪول جي هيڊ مسٽريس ميڊم نازيه حسن ۽ شاگردياڻين ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي اسڪول ۾ ڪابه بنيادي سهولت موجود ناهي ان جي باوجود مجبوري جي حالت ۾ تدريسي عمل کي جاري رکيو ويو آهي تعليم کاتي ۽ وس وارن کي شڪايتون ڪيون پر ڪوبه ڪڙتيل نه نڪتو . اين جي او پاران مليل سولر پلانٽ به چوري ٿي ويو آهي پوليس کي رپورٽ ڪئي پر پوليس جي چوري وايس نه ڪرائي هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي اسڪول ۾ پيئڻ جي پاڻي واش روم سميت بجلي جي به سهولت ناهي گرلس مڊل اسڪول تي ڪوبه چوڪيدار مقرر ٿيل ناهي جنهن جي ڪري اسڪول مان چوريون ٿيڻ روز جو معمول بڻيل آهي هنن تعليم کاتي جي صوبائي وزير ۽ ٽڪ جي چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي ته خدارا اسان جي اسڪول جا مسئلا حل ڪيا وڃن ته جيئن اسين تعليم پرائي سگهون

چوهڙ جمالي شهر جو مک گرلس مڊل اسڪول جيڪو مسئلن جو شڪار بڻيل آهي

ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن حيدرآباد پاران ٽنڊو محمد خان جو دورو

شهزاد شيخ جي دوري دوران ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غوث محمد پناڻ سان ملاقات

ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان جي وفد جي پڻ ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان (ذ ر) ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن حيدرآباد شهزاد شيخ ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيس ٽنڊو محمد خان جو دورو ڪيو جتي هن ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غوث محمد پناڻ سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان جو صدر غلام نبي ڪيريو صحافين جي وفد سان گڏ موجود هو جن ڊائريڪٽوريٽ آف انفارميشن جي عملدارن سان ملاقات دوران ايڪريڊيشن ڪارڊ حاصل ڪرڻ جي طريقيڪار درخواستن جي جانچ پڙتال ۽ گهربل دستاويزن بابت مختلف سوال اٿاريا. عملدارن واضح ڪيو ته ... جاري ڪيا پيا وڃن. ان سلسلي ۾ سڀني ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي صرف مڪمل ۽ صحيح درخواستون سمورن ضروري دستاويزن سان گڏ منظور ڪن جڏهن ته هر درخواست جي باقاعده تصديق لاڳاپيل ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر ۽ نامزد سينئر صحافي وسيلي ڪئي وڃي. وڌيڪ ٻڌايو ويو ته تصديق ٿيل درخواستون ڊائريڪٽوريٽ آف انفارميشن حيدرآباد ڏانهن اماڻيون وڃن جتي ڊويزنل ايڪريڊيشن ڪميٽي انهن جو جائزو وٺي آخري منظوري ڏئي رهي آهي. اجلاس ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته ...

روزاني عبرت

منصور حيات بلوچ
انسانيت جو ڪنڌ جهڪائيندڙ هالا واقعو!
صفحو 4

قاضي نظير اڪبر: خدمت، همت ۽ وقار جو هڪ روشن داستان!
يونس چانڊيو
صفحو 4

راجا زاد اختر خانزادهِ
هرمز تي ڪنٽرول؟ آمريڪا، ايران ۽ پاڪستان جي ممڪن ڪردار بابت اڀرندڙ سوال
صفحو 4

ايڊيٽوريل
ايران-آمريڪا ڇڪتاڻ، جنگ کان ڳالهين تائين سفر
صفحو 4

تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران تقريرون، ٽيبلوز پيش، قومي گيتن تي جهمريون

گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ۽ گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ڀهاول زئونڙ ۾ تقريب

سالياني امتحانن جا نتيجا پڌرا ڪرڻ بعد پوزيشن ڪٺندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ شيلڊون ۽ ميڊلز تقسيم

نريش ڪمار، رائو فيضان احمد، شوڪت علي زئونڙ، موهن ڪمار، جان محمد پرهڙي ۽ ٻين پاران انعام ڏنا ويا

سرڪاري اسڪولن ۾ شاگردن کي بهترين تدريسي ۽ غير تدريسي ماحول فراهم ڪيو پيو وڃي: نريش ڪمار

صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه جي ويزن "پڙهندي سنڌ، وڌندي سنڌ" جي سري هيٺ تعليم جي معيار کي بهتر بڻايو آهي: رائو فيضان احمد

حيدرآباد: سالياني امتحان ۾ پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن کي نريش ڪمار، رائو فيضان احمد، شوڪت علي زئونڙ ۽ جان محمد پرهڙي انعام ڏيندي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد تعلقي حيدرآباد ڀهراڙي جي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ڀهاول زئونڙ ۽ گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ڀهاول زئونڙ ۾ سالياني امتحانن جا نتيجا پڌرا ڪرڻ بعد پوزيشن ڪٺندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي ملن ۾ تقريب جو اهتمام ڪيو ويو. تقريب ۾ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ڀهاول زئونڙ جي انچارج هيڊ ماسٽر نريش ڪمار ...

اسڪولن ۾ ٻارن کي بهترين تدريسي ۽ غير تدريسي ماحول فراهم ڪيو پيو وڃي. والدين پنهنجي ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائي، علم جي روشني سان آشنا ڪن. تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين تقريرون ڪيون ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا. ان موقعي تي سيد عزيز شاهه، جمشيد ناريجو، علم علي ڪورائي، سيد رضوان شاهه وڪيو مل ۽ ٻيا موجود هئا.

گلاب لغاري لڳ چار روزه ثقافتي نمائشي ميلي جون تقريبون شروع

ميلي ۾ سنڌ جي ثقافتي راند ملهه جو ملاڪڙو اتر ۽ لاڙ جي پهلوان شريڪ

يوسي چيئرمين تيمور خان ۽ موجود شائقين ڪامياب ملهن کي خوب داد ۽ نقد انعام ڏنو

گلاب لغاري (ن ع) گلاب لغاري جي ڳوٺ ماڻڪ لغاري ويجهو اڱوٺي پ پ ايم اين اي عبدالستار سريوال جي پوٽي امير احمد سريوال جي سرپرستي ۾ چار روزه ثقافتي نمائشي ميلي جون تقريبون شروع ٿي ويون آهن ميلي ۾ سنڌ جي ثقافتي راند ملهه جو ملاڪڙو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ اتر ۽ لاڙ جي مشهور نالي وارن ملهه پهلوانن وڌ ۾ وڌ حصو ورتو ...

گلاب لغاري چار روزه ثقافتي نمائشي ميلي جي ڦرين ۾ ملهه پهلوان زور آزمائي ڪندي

حضرت سردار احمد شاهه لڪياري جو 28هون سالياني عرس اڄ کان شروع

سالياني عرس جي باقاعده شروعات جمعي ڏينهن صبح 9 وڳي ڪئي ويندي

ميلي ۾ روزانو منجهند 3 وڳي سنڌ جي روايتي ملهه جو مقابلو منعقد ٿيندو

مٽياري(ڊ ر) مٽياري ضلعي ۾ روحاني بزرگ ۽ بيباڪ صوفي شاعر حضرت سردار احمد شاهه لڪياري المعروف احمد لڪياري جو 28هون سالياني عرس مبارڪ اڄ کان وڏي عقيدت ۽ شاندار روايتن سان شروع ٿي رهيو آهي ...

مٽياري حضرت سردار احمد شاهه لڪياري جي درگاهه

زرعي يونيورسٽي ۾ ريسرچ ورڪشاپ جي پڄاڻي، وائس چانسلر پاران ڊيٽا ۽ جي آءِ ايس جي اهميت تي زور

اي اين او وي اي، ٽي ٽيسٽ، باهمي لاڳاپو ريگريشن ۽ ڪائي اسڪوائر سميت ڊيٽا جي مؤثر پيشڪش بابت تفصيلي سيشن

وائيس چانسلر جديد تحقيق ۾ ڊيٽا جي اهميت تي زور ڏيندي تفصيلي، جزوي ۽ علائقائي ڊيٽا جي استعمال کي لازمي قرار ڏنو

زرعي تحقيقاتي ادارن ۽ نيوڪليئر انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر سان لاڳاپيل شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ "ٽيون انٽومالاجيڪل سوسائٽي آف سنڌ — اسٽيٽسٽڪس اينڊ ريسرچ جرني" ورڪشاپ پڄاڻي تي پهتي جنهن ۾ شاگردن، محققن ۽ ماهرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ورڪشاپ جو مقصد شرڪت ڪندڙن کي تحقيق جي منصوبابندي، عملدرآمد، تجزيي ۽ نتيجن جي مؤثر پيشڪش بابت مهارتون مهيا ڪرڻ هو ...

ٽنڊوڄام سنڌ زرعي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال ۽ ٻيا ورڪشاپ کي خطاب ڪندي

پگهارون ڏيو: حيدرآباد ۾ گريڊ هڪ کان چار گريڊ جي تعليم کاتي ملازمن جو احتجاج

هڪ کان چار جي ملازمن 34 مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

سال 2023 ۾ 14 سو کان وڌيڪ ملازم ڀرتي ڪري سموري ڪاغذي ڪارروائي بعد جوائننگ آرڊر ڏنا ويا: معظم شاهه

اسان کي 34 مهينا نوڪري ڪرڻ باوجود پگهارون جاري نه ڪرڻ ڪري ملازمن جو معاشي قتل عام آهي، انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) تعليم کاتي حيدرآباد ۾ گريڊ هڪ کان چار جي ملازمن 34 مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون سيد معظم شاهه لياقت علي رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ...

ڪوٽ غلام محمد ۾ ڊاڪٽر فهميده لغاري جي بي رحماڻي قتل خلاف شاگردن ۽ استادن جو احتجاج

پ ٽ الف جي سڏ تي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي، پيادل مارچ ڪري مظاهرو ڪيو

استاد ماءُ پيءُ جهڙو درجو رکي ٿو پر افسوس جو تعليمي ادارن ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به ويٺل آهن، جيڪي انسانيت لاءِ داغ بڻجي ويا آهن: اڳواڻ

جيڪڏهن تعليمي ادارن ۾ اهڙا واقعا ٿيندا رهيا ته والدين پنهنجي نياڻين کي تعليم لاءِ ڪيئن موڪليندا؟ قتل سان انصاف ڪيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ميرپورخاص سان واسطو رکندڙ ميڊيڪل جي شاگردياڻي ڊاڪٽر فهميده لغاري جي بي رحماڻي قتل خلاف ڪوٽ غلام محمد ۾ شاگردن ۽ استادن جو زبردست احتجاج ...

ڪوٽ غلام محمد ڊاڪٽر فهميده لغاري جي بي رحماڻي قتل خلاف شاگردن ۽ استاد احتجاجي مظاهرو ڪندي

سويوديرو ۾ خالده عرف روبينا چانڊيو کي بي گناهه ڪاري ڪري قتل ڪرڻ خلاف احتجاج

جي ڊبليو سي جي مرڪزي سڏ تي ڦول باغ کان پريس ڪلب گمبٽ تائين وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

مظاهرين پاران "خالده عرف روبينا چانڊيو کي انصاف ڏيو"، "قاتلن کي گرفتار ڪيو" ۽ "ظلم بند ڪيو" جا زوردار نعرا

عورتن سان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين خلاف سماج کي گڏجي آواز اٿارڻو پوندو، جيئن اهڙن واقعن کي روڪي سگهجي: اڳواڻ

سويوديرو(رپورٽ: فقير محمد عباسي) گمبٽ ۾ جي ڊبليو سي جي مرڪزي سڏ تي ضلعي خيرپور جي آڌر تي تعلقن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سکر جي صحافين شوڪت ٿوناري، مولائي عمران شاهاڻي سميت وڏي انگ عورتن، سياسي سماجي اڳواڻن شهرين سول سوسائٽي جي اڳواڻن ...

نيشنل بئنڪ آف پاڪستان پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

ڪراچي (اي پي پي) نيشنل بئنڪ آف پاڪستان مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه هن ريت جاري ڪيا آهن آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 280.75 رپيا ۽ خريد جو اگهه 277.73 رپيا، برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 381.28 رپيا ۽ خريد جو 376.78 رپيا، يورو جي وڪري جو اگهه 331.62 رپيا ۽ خريد جو اگهه 327.71 رپيا، جاپان جي ين جو اگهه 1.7693 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7483 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 74.84 رپيا ۽ خريد جو اگهه 73.95 رپيا، اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 76.44 رپيا ۽ خريد جو اگهه 75.54 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو.

شهيد بينظيرآباد ۾ سنڌي ٻولي سکيا مرڪز جو افتتاح

سنڌي ٻولي اسان جي سڃاڻپ آهي: ڊي سي عبدالصمد نظاماڻي

ٻولي جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ اهڙن مرڪزن جو قيام نهايت ضروري آهي

نوابشاهه (س ر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي چيئرمين سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ڊاڪٽر شير مهراڻي سان گڏجي بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ شهيد بينظيرآباد ۾ سنڌي ٻولي سکيا مرڪز جو افتتاح ڪيو. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي چيو ته سنڌي ٻولي اسان جي سڃاڻپ آهي ۽ ان جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ اهڙن مرڪزن جو قيام نهايت ضروري آهي ...

نوابشاهه ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي ڊاڪٽر شير مهراڻي سنڌي زبان سکڻ جي مرڪز جو افتتاح ڪندي

آپڪا سنڌ امن گروپ سنڌ اسپورٽس بورڊ اينڊ هاسٽل حيدرآباد ۽ پٽ شاهه ملاڪڙا گرائونڊ پٽ شاهه يونٽن جو گڏيل اجلاس

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آپڪا سنڌ امن گروپ سنڌ اسپورٽس بورڊ اينڊ هاسٽل حيدرآباد ۽ پٽ شاهه ملاڪڙا گرائونڊ پٽ شاهه يونٽن جو گڏيل اجلاس صوبائي صدر انور علي ميمڻ جي زير صدارت بزنس فورم چيمبر قاسم آباد حيدرآباد ۾ ٿي گذريو ...

مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ 33ڏينهن بہ احتجاج

ڪربلا ڪربلا حڪمرانو جواب ڏيو عدالتن کي چو روڪيو ويو آهي جا نعره

سنڌ حڪومت جي ظلم جبر بربريت ڏاڍ جي انتها ٿي وئي آهي: مظاهرين

مورو(ن ع) مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ 33ڏينهن بہ مورو پريس ڪلب آڏو قيدين جي وارثن مردن عورتن ٻارڙن نياڻين امڙين ڀينرن پائرن پيرسن والدين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين احتجاجي مظاهرو ڪري ...

مورو مورو سانحي جي قيدين جي آزادي لاءِ وارث احتجاجي مظاهرو ڪندي

چوهڙ جمالي شهر جو مک گرلس مڊل اسڪول مسئلن جي ور چڙهيل

اسڪول جي عمارت بلڊنگ جي زبون حالي جي باوجود نياڻيون تعليم پرائڻ تي مجبور

شڪايتن باوجود تعليم کاتي سميت ڪنهن به وس واري نياڻين جي داد رسائي نه ڪئي

چوهڙجمالي (ن ع) سنڌ جي ساحلي پٽي واري تعلقي شاهبندر ۾ نياڻين جي وڌيڪ تعليم لاءِ ڪوبہ گرلس هائي اسڪول نه هجڻ سبب هتان جي نياڻين کي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو پريشان ٿيڻو پوي ٿو ...

چوهڙ جمالي شهر جو مک گرلس مڊل اسڪول جيڪو مسئلن جو شڪار بڻيل آهي

مهراڻ يونيورسٽي جي وي سي پاران ڊاڪٽر انيل ڪمار جي والد جي وفات تي تعزيت جو اظهار

ڄامشورو(اپ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار جي والد انجنيئر موتي لال جي لاڏاڻي تي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي، رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو، فئڪلٽيز جي ڊينز، تدريسي ۽ انتظامي شعبن جي سربراهن، مهراڻ يونيورسٽي ٽيچرس ايسوسيئيشن، مهراڻ يونيورسٽي آفيسرس ايسوسيئيشن ۽ مهراڻ يونيورسٽي ايمپلائيز ايسوسيئيشن پاران گهري ڏک جو اظهار ڪندي ڊاڪٽر انيل ڪمار سان تعزيت جو اظهار ڪيو ويو آهي

ملڪي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪ جي مختلف دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن گذريل ڏينهن جاري تفصيلن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 21 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 8 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد 31 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 31 هزار 300 ڪيوسڪ آهي خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد 58 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 58 هزار 300 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 27 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 15 هزار ڪيوسڪ آهي جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 16 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 4 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمز ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1467.82 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.600 ملين ايڪڙ فٽ، منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1159.30 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 2.089 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 15 638 فٽ ...

سنڌياڻي تحريڪ طرفان حيدرآباد پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال

خالده عرف روبينا چانڊيو جو لڳ ڪاندارينڊڙ قتل مذمت جوڳو آهي: اڳواڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ٽنڊو مستي خان جي حد ڳوٺ ٻٽو چانڊيو ۾ نوجوان نياڻي روبينا چانڊيو ۽ هالا لڳ ڳوٺ نبي بخش چانڊيو ۾ 14 ورهين جي شمائلا چانڊيو جي سفاڪاڻي ۽ وحشياڻي قتل خلاف سنڌياڻي تحريڪ طرفان حيدرآباد پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي ...

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڪوٽ بنگلو جي رهواسي جو احتجاج

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڳوٺ عزت سولنگي لڳ ڪوٽ بنگلو جو رهواسي غلام حيدر شر پريس ڪلب ۾ اچي احتجاج ڪندي صحافين اڳيان ٻانهون ٻڌي چيو ته بااثر ماروٽ رياض شر نالي سون کي هر وقت قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ...

ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن حيدرآباد پاران ٽنڊو محمد خان جو دورو

شهزاد شيخ جي دوري دوران ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غوث محمد پنهور سان ملاقات

ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان جي وفد جي پڻ ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن حيدرآباد شهزاد شيخ ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيس ٽنڊو محمد خان جو دورو ڪيو جتي هن ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غوث محمد پنهور سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان جي صدر غلام نبي ڪيريو صحافين جي وفد سان گڏ موجود هو ...

ايران يقيني طور تي فٽبال ڪپ 2026 ع ۾ شرڪت ڪندو: فيفا جو صدر

واشنگٽن (اي پي پي)فٽ بال جي عالمي تنظيم (فيفا) جي صدر جياني انفانٽينو تصديق ڪئي آهي ته آمريڪا سان جاري تازي ڇڪتاڻ باوجود ايران يقيني طور تي ايندڙ فٽبال ورلڊ ڪپ ۾ حصو وٺندو. پرڏيهي ميڊيا مطابق فيفا جي صدر جياني انفانٽينو هڪ تقريب دوران اهو بيان ڏنو جنهن ۾ هن واضع ڪيو ته راند کي سياست کان الڳ رکڻ گهرجي. ايران مارچ 2025ع ۾ ايشيا جي بهترين ٽيمن ۾ شامل ٿي ورلڊ ڪپ 2026ع لاءِ ڪواليفائي ڪيو هو ...

قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ۾ سيمينار

انساني اسمگلنگ عالمي سطح تي انساني حقن جي ڀڃڪڙي جو وڏو سبب بڻيل آهن: مقررين

ايف آئي اي ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ۽ انساني اسمگلنگ جي روڪٿام لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي

نوابشاهه (س ر) ايف آئي اي سرڪل شهيد بينظيرآباد پاران قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي نواب شاهه جي سينيٽ هال ۾ انساني اسمگلنگ ۽ انساني واپار جي روڪٿام، پاڪستان جي سرحدن جي حفاظت ۾ ايف آئي اي جو اهم ڪردار جي موضوع تي سيمينار منعقد ڪيو ويو ...

نصيرآباد لڳ ڳوٺ خيرو جتوئي جي رهواسي ميڊيا آڏو دانهن

ممتاز علي پنهور ۽ سندس پٽ زمين تي ناجائز قبضو ڪري ورتو آهي: ذوالفقار علي پنهور

واقعي بابت رڳو ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي آهي، پوليس آسرن تي پالي رهي آهي

نصيرآباد(ن ع) نصيرآباد لڳ ڳوٺ خيرو جتوئي جي رهواسي ذوالفقار علي پنهور پنهنجي گهرواري اختيار خاتون سان گڏ تعلقه پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي بااثر ماڻهن پاران زمين تي قبضي ۽ ڌمڪين ملڻ خلاف دانهون ڪندي چيو ته ... سروي نمبر 510 (رقبو 3 ايڪڙ 37 گهنٽا) ۽ سروي نمبر 23 (رقبو 6 ايڪڙ 30 گهنٽا) تي قبضا خور ممتاز علي پنهور ۽ سندس پٽ نادر حسين پنهور ناجائز قبضو ڪري ورتو ...

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر 05 سال 2026

مسمات مومل ڌيءِ بشير احمد ذات جمالي رهندڙ ڳوٺ حاجي خان جمالي ديهه 68 نصرت تعلقو دوڙ ..پلينٽف. بخلاف.. معروف ولد غلام مصطفيٰ جمالي رهندڙ ڳوٺ حاجي خان جمالي ديهه 68 نصرت تعلقو دوڙ 03061277076 .... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 16 سال 2026

مسمات ثمينه ڌيءِ محمد عيسيٰ رهندڙ گهر نمبر 12/13 خاصخيلي محله 60 ميل روڊ نوابشاه ..پلينٽف. بخلاف. بلال ولد غلام مصطفيٰ ٻگهيو رهندڙ نوناري تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو سيل نمبر 03111313125 .... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I/MTMC ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 35 سال 2026

شريمتي جنتا ڌيءِ سچو زال اوڪيو هندو بالغ پيل رهندڙ پيل ڪالوني تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف. بخلاف.. اوڪيو ولد سانو هندو بالغ ذات پيل رهندڙ حاجي ماهي خان نزد سامارو تعلقوسامارو ضلعو عمرڪوٽ ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I/MTMC ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم اڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر 19 سال 2026

شريمتي ڏاني ..پلينٽف. بخلاف.. گلجي ذات ڪولهي هندو بالغ .... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن ۽ مينٽيننس ۽ رڪوري داوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم اڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 01 سال 2026

مسمات ساجده ڌيءِ غلام سرور چانڊيو ويٺل شهباز ڪالوني تعلقو ڪي اين شاه ضلعو دادو ..پلينٽف. بخلاف. نصير احمد ولد نظير احمد چانڊيو ويٺل شاهائي محلو پيارو اسٽيشن تعلقو ضلعو دادو ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي دعويٰ ۽ ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
سول سوٽ نمبر سال 2026

محمد سليم چانڊيو ولد محمد اسحاق ويٺل ڳوٺ بهادرپور تعلقو خيرپورناٿن شاه ضلع دادو (عرضدار)پليڪينٽ لارج ۽ بيا 2 خوش محمد ولد محمد اسحاق 3 نادر ڌيءِ محمد اسحاق ذات چانڊيا ويٺل ڳوٺ بهادرپور تعلقو خيرپورناٿن شاه ضلع دادو

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف گارجين ۽ وارڊ نٽيڙي نادره ڌيءِ محمد اسحاق چانڊيو بابت داخل ڪئي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ريشمان بيواهه نور محمد مگسي رهندڙ مهر ڪالوني پنجون مورو تعلقو سعيد آباد .. ايپليڪينٽ .بخلاف (1) مسمات حميده بيواهه نور محمد مگسي (2) نذير حسين (3) نويد حسين (4) وحيد حسين (5) الله ڏنو (6)راحب نور (7) راهي نور (8) عظميٰ سڀ پٽ ڌيئرون نورمحمد مگسي رهندڙ ڳوٺ حاجي خان مگسي نوابشاه (9) جنرل پبلڪ اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) راشد علي (2) ياسر حسين (3) بينظير جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم VIII حيدرآباد
فيملي ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 19 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 876 سال 2024

مسمات انيلا ڌيءِ احمد بخش عباسي .. پليٽنف .بخلاف. صدر الدين ولد مظهر علي شيخ رهندڙ محلا شيخ پاڙو ڪي اين شاه ضلعو دادو . ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي ججمينٽ اينڊ ڊگري تاريخ 21-11-2024 خلاف جيڪا هن ڪورٽ سگهوري پاس ڪئي هئي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم VIII حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
(روبرو جناب شمس الدين جوڻيجو)
سڪسيشن سوٽ نمبر 49 سال 2026

(1)شريمتي حنا ٻائي بيواهه انيل ڪمار (2)نيرج ڪمار (3) گنيش ڪمار (4)پريات سيريل 2 ڪان 4 پٽ ڌيئرون مرحوم انيل ڪمار معرفت ايپليڪينٽ نمبر 1 رهندڙ محله ليمن سٽي ٽائو بولا خان ضلعو ڄامشورو حال رهندڙ مدر وليج ٻائي پاس حيدرآباد .... ايپليڪينٽ.بخلاف (1) مينيجر حبيب بينڪ هالا ناڪ برانچ حيدرآباد (2) مينيجر حبيب بينڪ اسٽيشن روڊ برانچ حيدرآباد (3) آدمر جي انشورنس ڪمپني مدر ليزنگ برانچ سائوٽ (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. ريسپونڊنٽس

نالي مٿئين ريسپونڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي فوتي انيل ڪمار تاريخ وفات 21-11-2025 هنڌ حيدرآباد شناختي ڪارڊ نمبر 4150703432681 جي سڪيورٽيز جي حاصل ڪرڻ لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 11-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VII حيدرآباد
سمري سوٽ نمبر 73 سال 2024

محمد اسماعيل ولد جان محمد رهندڙ فليٽ نمبر 08 ٿرڊ فلور محمد حاجي ولي محمد صدر حيدرآباد .. پلينٽف .بخلاف. سريش ڪمار ولد هالي رام رهندڙ محله مهيشوري چور تعلقو ضلعو عمرڪوٽ . ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف سمري سوٽ زير قلم XXXVII رول I &II سول پروسيجر ڪوڊ 1908 تحت رڪوري امائونٽ 4500000 روپيا لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VII حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات بيوي زال دودو ڪوسو درخواست ڏني آهي ته هن جي پيڻ نالي مسمات زينب زال حاجي جاڻ عرف جان محمد ڪوسو جيڪا فوت ٿي ويل آهي فوتڻ کي ديهه هميره ٽپو ڪاڪ تعلقي ٽنڊو باگو ۾ سروي نمبر AD, 63/ 63/4B, 67/2B ۽ 232 _ايراضي 9_4 ايڪڙ جملي ايراضي حصي موجب 9_8 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ديهه هميره ٽپو ڪاڪ تعلقي ٽنڊو باگو ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن ڪان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتڻ جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتڻ نالي مسمات زينب زال حاجي جاڻ عرف جان محمد ڪوسو جي جائز وارثن جو ناليو وارث جا 1 مسمات بيوي ڪوسو پيڻ فوتڻ جي 2 مسمات درناز ڪوسو پيڻ فوتڻ جي 3 مسمات بيگم پيڻ فوتڻ جي جائز وارث جيئا آهن تنهنڪري هر عام خاص کي اطلاع ڏو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هرعام وخاص ۽ سرڪار غير سرڪاري ادارن کي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان ڳوٺ يار محمد ملاح سروي نمبر 227 ديهه تپو ڪٽڙ يونٽ نمبر 11 لطيف آباد ڪرڪٽ اڪيڊمي جي برابر واقع سنڌ ڪچي آبادي اٿارٽي ڪان منظور شده نقشي جي مطابق دوڪان پلاٽ جنهن جو نمبر 237 ڪان وٺي 257 تائين جو قبضو ڏر محمد عمير عرف وليد ميمڻ ولد فياض احمد ڏيلائي ميمڻ جيڪي آٽو پان روڊ اسڪائي ڪيف پلازه جا رهائشي آهن اسان بذريعه ايگريمينٽ اسٽامپ پيپر ذريعي قبضو ۽ ملبو خريد ڪيو آهي ۽ سنڌ ڪچي آبادي اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جي آفيس ۾ چالان و ليز ڊيڊ ڪرائڻ لاءِ درخواست تاريخ 13-04-2026 تي تمام دستاويز ۽ رسيدن جي فوٽو ڪاپي سان گڏ آفيس ۾ جمع ڪرائي آهي ۽ سائيٽ تي تعميراتي ڪم شروع ڪري چڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجواعتراض جمع ڪرائي بي صورت ۽ معياد گذرڻ ڪانپو ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ قانون مطابق ليز ڊيڊ مڪمل ڪئي ويندي

محمد عدنان قريشي ولد محمد ياسين قريشي ۽ ٻيا
موبائل نمبر 03113344470 حيدر چوڪ حيدرآباد

بقايا 1 | ٺهر ۾ ڪهرام

اطلاع ملندي ئي سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروس 1122 ۽ ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ تي پهچي وئي ۽ ڳولا جو آپريشن شروع ڪيو ويو آهي. هن وقت تائين نياڻين جي ڳولا جاري آهي. نياڻين جون عمرون تقريبن 4 سال ۽ 3 سال ٻڌايون پيون وڃن.

بقايا 2 | ڏيڻ جو مطالبو

هرديپ ڪمار سميت ٻين ٻارن روپينا جي قاتلن کي ڪيفرڪردار تائين پهچائڻ جي گهرڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته خيرپور جي علائقي ٺنڊومستي ۾ پوٺارڪي نظام هڪ وڏيڪ معصوم نياڻي کي ڪاري جي تهمت مڙهي وچ ڳوٺ ۾ بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو اسان هن دردناڪ واقعي تي ناري جي وارثن سان تعزيت ڪيون ٿاهٽن چيو ته روپينا چانڊيو ڪاري نه آهي پر ارهان جا ڏهن ڪارا بڻجي ويا آهن جو بنا خوف جي ڪنهن جي بچي کي ڪاري جي تهمت هڻي قتل ڪري ٿا ڇڏيونهن چيو ته سنڌ حڪومت روپينا چانڊيو واقعي جو سختي سان نوٽيس وٺي هن نياڻي جي قتل ۾ لڪيل ڇهرن کي ٻه جاچ دوران ظاهر ڪري سخت سزا ڏيارن جيئن سنڌ ۾ ڪا بي نياڻي ائين بيدردي سان قتل نه ٿي سگهي.

بقايا 3 | احتجاج

چيو ته پوليس ڏانهن دانهن ڪئي ورياسين انهن اين سي ڪٽڻ جا پنجاهه هزار گهريا مسڪين آهيون پئر ڪٽي پيٽ گذر ڪندا آهيون انصاف ڪيو وڃي هنن اعليٰ اختيارين وڏي وزير سيد مراد علي شاه آءِ جي سنڌ ،ڊي آءِ جي حيدرآباد ،ايس ايس پي ڄامشورو کي اپيل ڪئي آهي ته وڏيري خلاف سخت ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 4 | پاليسي جو مطالبو

هولڊرن سان گڏجي جامع زرعي پاليسي جوڙي ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪري ڪٽڪ سميت ٻين زرعي جنسن جا امدادي اگهه مقرر ڪيا وڃن ته جيئن آبادگارن ۽ هارين سميت عام ماڻهن کي رليف ملي سگهي ان سلسلي ۾ سنڌ آبادگار بورڊ جي صدر محمود نواز شاهه، سينيئر نائب صدر سيد نديم شاهه جنرل سيڪريٽري ذوالفقار هيسباڻي زوهيب الرحمان ملڪ محمد عرفان جتوئي ۽ ٻين سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته افسوس جي ڳالهه آهي ته زرعي پاليسي اهي ماڻهو ٺاهي رهيا آهن جن کي زراعت جي الف ب جي به خبر ناهي چانورن جي خريداريءَ لاءِ پاسڪو جو ڪردار ختم ٿي چڪو آهي. سارين ڪاٽي جي شيءِ ناهي تنهن ڪري انهن جو بهاتو ڪري سارين جي امدادي اگهه جو حڪومتي سطح تي اعلان نه ٿو ڪيو وڃي ڪري ان لاءِ پاسڪو کي ختم ڪري چانورن جي خريداريءَ لاءِ فري مارڪيٽ ڪيو ويو پر جيڪڏهن واپاري فري مارڪيٽ ۾ ڪٽڪ امپورٽ ڪندا ته ان تي پابندي ناهي ۽ جيڪڏهن ڪٽڪ وڏيڪ ٿئي ٿي ته اسان سان ڪو ايڪسپورٽ ڪرڻ چاهي ته ڪو به ايڪسپورٽ ڪري نه ٿو سگهي هنن چيو ته الميو آهي ته هن سال حڪومت چانورن جي واپارين کي ايڪسپورٽ جي لاءِ 15 ارب روپين جي سبسڊي ڏئي ڇڏي جا ان تي اسان زميندارن جو حق نه هو؟ تنهن ڪري اهڙي پاليسي ناهي وڃي جنهن ۾ فائدو صرف ڪاروباري ماڻهن ٿرڊ پارٽي ۽ واپاري کي ٿئي ان جو فائدو زميندارن کي نه ٿئي حيدرآباد ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ ڪٽڪ ختم ٿي چڪي آهي جتي اسان 2900 ڪان 3500 روپيه ڪٽڪ وڪرو ڪئي ان ۾ خوراڪ کاتي جي سڪمل ناڪامي آهي ان لاءِ اسان خوراڪ کاتي جي صوبائي وزير سان رابطي جي ڪوشش ڪئي پر هو وقت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي ۽ سيڪريٽري کي به چٺي چڪا آهيون پر ڪو ڌيان نه ٿو ڏئي هنن چيو ته 75 سيڪڙو ڪٽڪ پنجاب ۾ ٿئي ٿي پر بازار ۾ الڳ ٽريڊ ته گهٽ قيمت وڏي ٿي ان جو مطلب اهو آهي ته زميندار پنهنجي ڪٽڪ ڏئي ڇڏيندي حڪومت چوي ٿي ته ڪٽڪ وڏيڪ لڳي آهي ۽ اسان جو چوڻ آهي ته اها گهٽ آهي ان جو مطلب اهو ته جيڪڏهن ڪٽڪ جي قيمت وڌي ٿي ته حڪومت قدم نه کنيو ۽ اسٽاڪ نه ڪيو ته پوءِ اينڊ وقت ۾ ڪٽڪ شارٽ ٿي سگهي ٿي ته امدادي قيمت بنيادي قيمت ناهي تنهن ڪري سرڪار کي ان ڳالهه تي غور فڪر ڪرڻ گهرجي ته جيئن اينڊ وقت ۾ اٽو ڪائينڊ کي مشڪلاتون پيش نه اچن هنن چيو ته پاڪستان اڪنامڪ سروي موجب معاشي سال 2025ع جي آخر ۾ زراعت جي شعبي ۾ 25 سال بعد ڪمند جي فصل کان علاوه پنجاب جي مڪئي سميت ملڪي جي 5 وڏين فصلن ۾ هن سال لڳاتار گهٽتائي ٿي آهي ان مان لڳي ٿو ته زراعت ۾ ڪئي ڪو مسئلو آهي انهن مسئلن کي حڪومت آءِ ايم ايف جي پاليسي جو جواز ڄاڻائي مسئلن کي پيچيده بڻايو ويو آهي پر اسان چئون ٿا ته حڪومت اهي شيون ٻي ريگيوليٽ ڪري، زراعت منافعي بخش شعبو آهي جيڪا سٺي ڳالهه آهي ۽ يوريا جو ڪچو خام مال هن ئي ملڪ جو آهي پر اوهان ڏٺو ته يوريا ٻي ريگيوليٽ ٿيڻ سان ان جي قيمت 1700 روپين مان وڌائي ساڍا 4 هزار روپيه قيمت ڪئي وئي ته جيئن پيداواري قيمت وڌي ڪٽڪ کي آءِ ايم ايف جي چوڻ تي ٻي ريگيوليٽ ڪيو ويو ۽ حڪومت وري مارچ ۾ چيو ته اسين ڪٽڪ جي خريداري نه ڪنداسين ۽ امپورٽ به نه ڪئي ڪئي جڏهن ملڪ ۾ ملين ڊالرن جي ڪٽڪ جو لاٻارو ٿي رهيو هو ۽ ڪٽڪ جو ڪو خريدار به نه هو هن چيو ته سال 2024ع ۾ حڪومت پاڻ ڪٽڪ جي امدادي قيمت 4 هزار روپيه مقرر ڪئي ۽ اسان ان جي آجيان ڪئي ۽ ان ئي ڪٽڪ کي سال 2025ع دوران آبادگارن 2400 ڪان 2600 روپين ۾ وڪڻي پوءِ اٽي جي قيمت 3800 ڪان 4000 روپين ۾ خريد ڪئي هن سال حڪومت اعلان ڪيو ته حڪومت ڪٽڪ خريد ڪندي، اڄ لوئر سنڌ ۾ ڪٽڪ کي ختم ٿيندي 10 ڏينهن گذري چڪا آهن اپر سنڌ لاڙڪاڻو قمبر شهدادڪوٽ ۽ گهوٽڪي ۾ 40 ڪان 50 سيڪڙو ڪٽڪ ڪو نه بچي آهي جتي خريداري به شروعات ناهي ٿي هڪ طرف حڪومت چيو ته ٻي ريگيوليشن آهي ڪٽڪ مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪيو ۽ ٻئي طرف ڪٽڪ جي ايڪسپورٽ جي بازارن کي بند ڪندي چئني طرف ڪان گهيرو ڏياري ڇڏيو اسان کي ڊپ آهي ته ملڪ اينڊ وقت ۾ گهربل ڪٽڪ پيدا نه ڪري سگهندي چاهڪا سرڪار جي انگ اکرن موجب گذريل سال 28.9 ملين ٽن ڪٽڪ ٿي ۽ ملڪ ۾ ڪٽڪ جو استعمال 29 ملين جي لڳ ڀڳ آهي جيڪا هر سال 4 ڪان 5 سيڪڙو وڌندي آهي اينڊ سالن ۾ ڪٽڪ جي اچان وڏيڪ ضرورت پوندي اهڙي صورتحال ۾ وارو نه ڪائيندو ته پوءِ ڪٽڪ نه ٿيندو اهي سڀ شيون گهمي ڦري وري ڊيزل تي اچن ٿيون بهارڙين ۾ ڊيزل ڪئي اچڻ لاءِ 10 ڪان 15 ڪلوميٽر پنڌ ڪرڻو پوندو آهي، 280 ڪان سوا 500 روپيه ڪري پوءِ 130 روپيه گهٽتائي ڪئي وئي پر زرعي جنسن جي قيمتن تي ڪو به ڌيان ناهي ملڪي معيشت کي اڄ به زرعي معيشت سهارو ڏنو آهي تنهن ڪري حڪومت کي گهرجي ته زراعت جي حوالي سان پاليسي جي سمت کي درست ڪندي زرعي شعبي جي ماڻهن سان لهه وچڙ ڪري پاليسي جوڙي وڃي، جامع پاليسي نه جوڙڻ جي ڪري زرعي شعبو ڏينهون ڏينهن پوئتي ٿيندو پيو وڃي جنهن ڪري هن سال ٽريڪٽر جي خريداري اڌ ڪان گهٽ ٿي آهي ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ جي ڪري زراعت کي نقصان پهتو آهي پاڪستان ايران ۽ آمريڪا جي جنگ روڪي رهيو آهي ۽ ايران سيني ڪان وڏيڪ سستو ڊيزل ۽ پيٽرول وڪرو ڪري رهيو آهي ان مان حڪومت کي فائدو وٺڻ گهرجي جيڪو فائدو عوام کي ڏيڻ گهرجي ايراني پيٽرول جي غيرقانوني وڪري کي قانوني قرار ڏئي ته جيئن سرڪاري سطح تي ايران مان ڊيزل ۽ پيٽرول خريد ڪري ملڪي معيشت کي پنهنجي پيرن تي بيهاري سگهجي هنن چيو ته حڪومت سنڌ ۾ 3 لک 30 هزار آبادگارن کي سبسڊي ڏئي رهي آهي اسان جو چوڻ آهي ته سال 2025ع ۾ زرعي شماري موجب سنڌ ۾ 26 لک آبادگار آهن جن مان 96 سيڪڙو وٽ 20 ڪان 25 ايڪڙ زمين آهي جيڪڏهن اها سبسڊي 3 لک 30 هزار ماڻهن کي ڏئي وئي ۽ ڊيزل جي مد ۾ هڪ پيري 1500 روپيه في ايڪڙ تي سبسڊي ڏني وئي آهي جيڪا ٻه انتهائي گهٽ آهي حڪومت کي گهرجي آبادگارن کي ڪاروباري سبسڊي ڏئي نه کي خيرات ڏئي هن وقت في ايڪڙ تي 13 هزار روپيه آهي جيڪا ناڪافي آهي ان کي وڏيڪ درست ڪرڻ جي ضرورت آهي

بقايا 5 | احتجاجي مظاهرو

وٺڻ بنا جواز اعتراض ڪرڻ ۽ سرڪاري ملازمن سان نامناسب رويو اختيار ڪرڻ جا سنگين الزام هنيا احتجاج آل ايمپلائيز ضلعي سجاول جي سڏ تي ٿيو جنهن ۾ ايپيڪا، گواڻ يي ڪي الف، گسٽا روينيو سميت ٻين کاتن جي ملازمن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن علي گرمائي حاجي مظفر لغاري، بجل لغاري، نجيب سرويچ عمر ميمڻ عبدالرحيم قاضي، لطف الله ميمڻ ريڊنو ڪنڀار امين سروار، شڪور ملاح ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته آفيسر جي روين سبب ملازمن سخت پريشانيون پيش اچي رهيون آهن ۽ آفيس ۾ ڪم ڪرڻ جو ماحول متاثر ٿي رهيو آهي مظاهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ الزام هيٺ آيل آفيسر کي هٽايو وڃي بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو آخر ۾ مظاهرين پرامن نموني احتجاج ختم ڪندي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته هو وڏيڪ سخت قدم کڻڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا 6 | احتجاجي مظاهرو

نافرمان ٿي ويو آهي جيڪو سون کي ۽ منهنجي مڙس کي گهران ڪڍي گهر تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جنهن جي ڪري سندس گهرواري ۽ پاڻ هر روز جهيڙا ڪري منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هن ٻڌايو ته اڱون بلڊ پريشر جي مريض آهيان پٽ ۽ نُنهن جي هر روز جي جهيڙن ۽ تشدد سون کي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو آهي هن چيو ته پٽ ۽ سندس گهرواري منهنجي نياڻين مٿان پڻ ڪوڙا الزام لڳائي برادري ۾ بدنام ڪري رهيا آهن ۽ سون کي منهنجي مڙس کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن سندن ظلم ۽ زيادتين خلاف ڊي ايس پي هالا کي درخواست ڏيڻ باوجود ڪوبه تدارڪ ناهي ڪيو ويو جنهن بعد مجبور ٿي احتجاج ڪري رهي آهيان هن مطالبو ڪيو ته نافرمان پٽ ۽ ننهن جي زيادتين جو نوٽيس وٺي ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 7 | 3 ڄڻا زخمي

جڏهن هنن مزاحمت ڪئي ته مٿن ڪهاڙين ۽ لٺين سان حملو ڪري زخمي ڪيو. متاثر ڌر جو چوڻ هو ته سندن ڪل 12 پاتي هن زمين جا حصيدار آهن. جڏهن ته مخالف ڌر غير قانوني طور ڪوڙا ڪاغذ ظاهر ڪري زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هنن وڌيڪ الزام لڳايو ته جوابدار ڪين زخمي ڪرڻ ڪانپوءِ سندن گهرن کي باهيون ڏئي چار ٻڪريون به ڪاهي فرار ٿي ويا.متاثرن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي. جڏهن ته آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل ٿيڻ بابت ڪا به تصديق سامهون نه اچي سگهي آهي.

بقايا 8 | آپگهات ڪوشش

آهي. دلبر هاليپوٽو موجب ناري جي سڄائپ مهڪ بلوچ طور ٿي آهي جيڪا ذهني طور ٺيڪ نه پئي لڳي عجيب قسم جون ڳالهيون ڪري رهي آهي سندس چوڻ مطابق ته سهري جي چوڻ تي مڙس ڪيس طلاق ڏني آهي جن بيدخل ڪيو ته گهر وارن به رهائڻ کان انڪار ڪيس جنهنڪري انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿيس ري چٽي ٿي ته خودڪشي حرام آهي. سان آپگهات نه ڪنديس ريسڪيو عملي موجب ناري کي پاڻ ۽ امڙ سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر هُن انهن سان به ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ناري مهڪ بلوچ کي ڄامشورو ٿاڻي تي منتقل ڪرڻ ڪانپوءِ اتي پهتل صحافين سان ناري ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو

بقايا 9 | احتجاج

احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب ڳمبٽ جي آڏو مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ڪندڙن خطاب ڪندي چيو آهي ت ٺنڊومستي ٿاڻي جي حد ۾ بيگناهه معصوم نياڻي روپينه خالد چانڊيو کي ڪارنهن جي ڪوڙي الزام هيٺ بيدردي سان ماڻهن جي هجوم ۾ قتل ڪيو ويو آهي جيڪو وڏا ظلم ٿيو آهي نياڻي کي قتل ڪندڙ سمورن جوابدارن جي گرفتار ڪري ڦاهي جي ڦندي تي چاڙهيو وڃي بي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو آن موقعي تي جي ڊبليو سي جي مرڪزي صدر شوڪت نوناري اعلان ڪيو آهي نياڻي روپينه خالد چانڊيو جي ناحق خون ۾ ملوث سمورن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ 19 اپريل تي سموري سنڌ ۾ جي ڊبليو پارٽي احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويندا ۽ ان ڪان پوءِ ڪارو ڪارو رسم خلاف سيمينار پڻ ڪرايا ويندا هن چيو ت نياڻي روپينه خالد چانڊيو جي خون سان انصاف تائين اسان جي جدوجهد جاري رهندي

بقايا 10 | گهر ۾ ڪهرام

نينگر جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 11 | ٻه جوابدار گرفتار

اڳواڻي ۾ خيرپور ناٿن شاه پوليس ڪاروايون ڪندي ٻن جوابدارن کي غيرقانوني هٿيارن سميت گرفتار ڪري ڦر ٿيل 2 موٽرسائيڪلون ، موبائل فون ۽ روڪ رقم به برآمد ڪئي گرفتار ڪيل جوابدارن ۾ اسلم جمالي ۽ رستم جمالي شامل آهن جن وٽان بغير لائسنس به پسٽل هٿ ڪيا ويا جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته خيرپور ناٿن شاه پوليس 5 ڏينهن اڳ شهري مدثر ڪورائي ۽ سڪندر علي ڪان ڦريل به موٽرسائيڪلون ، موبائل فون ۽ روڪ رقم پڻ برآمد ڪري مالڪن حوالي ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته ميهڙ ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ذاتي تڪرار تان قتل ٿيل ڊاڪٽر طارق ٿيبو جي ڪيس ۾ وڏيڪ اڳيرائي ٿي آهي ميهڙ بي سيڪشن پوليس جاچ دوران گرفتار جوابدار طارق ولد ٻهرام ٿيبو جي نشاندهي تي واردات ۾ استعمال ٿيل هٿيار هڪ ريپيٽر برآمد ڪيو جنهن جو جوابدار خلاف اسلحه ايڪٽ تحت الڳ ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي ميهڙ ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ شهري الهڏنو سولنگي ڪان موٽرسائيڪل ڦر جي ڪيس ۾ ميهڙ اي سيڪشن پوليس جوابدار مختيار سهول کي گرفتار ڪيو جنهن وٽان واردات ۾ استعمال ٿيل ريپيٽر برآمد ڪيو ويو آهي جڏهن ته جوابدار خلاف اسلحه ايڪٽ تحت الڳ ڪيس داخل ڪري وڏيڪ جاچ جاري آهي ميهڙ پرسان ٻئي طرف فريدآباد ٿاڻي جي پوليس شاه گوڏيو روڊ تي مقابلي بعد ٻن ايڪٽو ڏوهارين کي غيرقانوني هٿيارن سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ حسيب الله چانڊيو ۽ راشد چانڊيو طور ٿي آهي جن وٽان 2 بنا لائسنس پسٽل برآمد ڪيا ويا جوابدارن خلاف ڊيوٽي اڪائي ۽ آرمس ايڪٽ جا ڪيس داخل ڪري وڏيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 12 | عملدار طلب

درخواست تي ٻڌڻي ٿي عدالت جي طلب ڪرڻ تي ڊائريڪٽر فوڊ ۽ ٻيا عملدار پيش ٿيا، خبرموجب سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ جسٽس امجد علي بوهيو ۽ جسٽس علي حيدر دريشاني تي مشتمل آئيني بئنچ خوراڪ جي ملازم محمد اڪمل دستي کي پروموشن نه ڏيڻ خلاف داخل ڪرايل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. درخواستگذار موقف اختيار ڪيو آهي ته 2017ع ۾ ٿيل ڊي پي سي دوران ڪيس سپروائيزر مان انسپيڪٽر طور پروموشن ڏنو ويو جڏهن ته هاڻي هن جو سينارٽي ۾ اول نمبر هئڻ باوجود ڪيس اي ايف سي طور پروموشن نه ٿو ڪيو وڃي، گهڻو عرصو گذري ويو آهي پر جائز پروموشن ڏيڻ لاءِ رشوت گهري پريشان ٿو ڪيو وڃي، ان دوران عدالت ڊائريڪٽر فوڊ الهڏنو چنه ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ ۽ ٻين واسطيدارن کان آڌي پڇا ڪئي، عدالت درخواست تي ٻڌڻي 12 جون تائين ملتوي ڪندي خوراڪ کاتي جي لاڳاپيل آفيسرن کي جواب داخل ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي

بقايا 13 | اهم موڙ

بيان سانگهڙ ڪورٽ ۾ بيان رڪارڊ ڪرايا هئا، جڏهن ته ان حوالي سان ميڊيڪل رپورٽ پڻ سامهون آئي هئي. هي ڪيس وڏي ڌيان جو مرڪز بڻيو جنهن تي آءِ جي سنڌ ۽ پيپلز پارٽي جي ايم اين اي شازيه سري پڻ نوٽيس ورتو هو جڏهن ته سياسي ۽ سماجي اڳواڻن متاثر خاندان سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو هو.واقعي جو ڪيس متاثر ناري شاد بانو جي فرياد تي چوٽيارين ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو جڏهن ته ڪيس جي ٻڌڻي ڪيرو جي ايڊيشنل سيشن جج فائق علي پلاڻ جي آڏو ٿي، جتي متاثر ڌر جي بيان تان ڦرڻ بعد ڪيس ۾ نئون رخ سامهون آيو آهي. ڪيس ۾ ڊاڪٽرياڻي سنڌو صدف ڊاڪٽر مهوش اشفاق ڊاڪٽر حسين ميڊيڪل رپورٽ پيش ڪئي جنهن ۾ تشدد زيادتي بابت رپورٽ ٻڌائي پئي وڃي ناري ۽ هن والده بنا ميڊيا سان ڳالهائڻ جي ڪورٽ مان نڪري ويون

بقايا 14 | پوليس حوالي

ڇڏيو جڏهن ته ٻئي کي 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪيو ويو. تفصيل موجب، ٺنڊومستي پوليس 6 ڏينهن اڳ ڳوٺ ٻلو چانڊيو ۾ نوجوان نياڻي مسمات خالده عرف روبينه چانڊيو کي ڪاروڪاري جي الزام هيٺ قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ گرفتار ٿيل ٻن جوابدار قيصر چانڊيو ۽ ولي محمد چانڊيو کي سول جج ۽ جوڊيشل مجسٽريٽ ون نديم علي ٻرڙو جي عدالت ۾ پيش ڪيو ذريعن موجب عدالت جي جج ٻنهي جوابدارن جا بيان رڪارڊ ڪرڻ بعد هڪ جوابدار قيصر چانڊيو کي اعترافي بيان ڏيڻ تي ته مان مسمات روبينه عرف خالده چانڊيو کي قتل ڪيو آهي جنهن تي عدالت جوابدار کي سينٽرل جيل خيرپور موڪلي ڇڏيو جڏهن ته ٻئي جوابدار ولي محمد چانڊيو کي 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي ٺنڊومستي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا 15 | نينگر فوت

ڪري پيو جنهن کي رورل هيلٿ سينٽر ٻلڙي شاه ڪريم پهچايو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي نينگر جو لاش ضروري ڪاروائين بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي معصوم نينگر جو جنازو رات 10 بجي سٽي ٻلڙي شاه ڪريم مان ڪنيو ويو ۽ جنازي نماز درگاهه شاه ڪريم تي ادا ڪئي وئي

بقايا 16 | دفنائي ڇڏيو

پهچي ويا جن پوليس کي اطلاع ڏنو پوليس اطلاع تي پهچي علائقي واسين جي مدد سان ٻار جو لاش مقامي قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو جنهن کان پوءِ علائقي ۾ غم ۽ غصي جي لهر ڇانئجي وئي اهڙا ڪردار انسانيت تي داغ آهن جن انسانيت کي لڄائي ڇڏيو آهي رهواسين جي راءِ.

بقايا 17 | 4سخت زخمي

سخت کان سخت سزا ڏني بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 18 | انصاف جو مطالبو

رقم ادا ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو معاثر عورت مسمات فرزانه پنهنجي پاڻين غلام سرور ڪنڀار ۽ غلام حيدر ڪنڀار سان گڏ پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد پهچي احتجاج ڪندي الزام هنيو ته ڪجهه مهينا اڳ واپاري تاج محمد ڪنڀار ۽ ايوب ڪنڀار رهواسي خيابان سعيد پلپنگ، وٽان سندس گهر جي مينهن 3 لک 80 هزار روپين ۾ خريد ڪئي واپارين صرف 80 هزار رپيا ادا ڪيا ۽ باقي 3 لک ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هنن وڌيڪ چيو ته رقم گهرڻ تي جوابدار ڪين ڌمڪيون ڏيڻ لڳا معاثر ڌر موجب واقعي جي اطلاع پوليس کي ڏني وئي جتي ٿاڻي تي پوليس اهلڪار پارٽن فيصلو نه ڪيو ويو پر جوابدار ان تان ڦري ويا معاثرن جو چوڻ آهي ته بعد ۾ هنن پنهنجي مدد پاڻ تحت جوابدارن کي گرفتار ڪري پوليس حوالي ڪيس پر بااثر ماڻهن جي فون اچڻ تي پوليس ڪين آزاد ڪري ڇڏيو هنن اهو به الزام هنيو ته هاڻي پوليس پاڻ ڪين ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهي آهي معاثر خاندان ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪرڻ ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 19 | سزا ٻڌائي ڇڏي

راڙا منشيات رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي بلوچستان حب چوڪي جي رهواسي جوابدار جان محمد پٽ عطا محمد بروهي کي جنم ٽيپ ۽ 8 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي، جوابدار ڏنڊ جي رقم ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ وڌيڪ هڪ سال قيد جي سزا ڪاٽيندو واضع رهي ته 27 مارچ 2018 تي جيڪب آباد جي ڪسٽم پوليس ڪارروائي دوران چاڪيل جوابدار کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 69 ڪلو گرام چرس ۽ هڪ مهراڻ ڪار هٿ ڪئي وئي هئي ۽ مٽس اهڙو ڪيس پڻ داخل ڪري ورتو هو.

بقايا 20 | داخل احتجاج

